# سوڊن جي صاحبي

يا

# راڻن جو راڄ

مصنف

پيرومل مهرچند آڏواڻي

D. M. Lukman
B. A, LL. B
ADVOCATE
Qadi Khato Hyderabad Sind

گلشن پبليڪيشن حيدرآباد - سنڌ
١٩٩٠ع

# سوڊن جي صاحبي
## يا
# راڈن جو راج

مصنف

**پيرومل مهرچند آڏواڻي**

گلشن پبليڪيشن حيدرآباد - سنڌ

١٩٩٠ع

گلشن پبلیڪيشن جو ڪتاب نمبر-٢٣

ڇپائيندڙ: گلشن پبليڪيشن، حيدرآباد - سنڌ.

ڇپيندڙ : ايم - خان پرنٽنگ پريس،
گاڏي کاتو، حيدرآباد سنڌ.

پهريون ڇاپو: ١٩٢٤ع

ٻيو ڇاپو: ١٩٩٠ع

تعداد: ٥٠٠

قيمت ١٠-٠٠ روپيه

هي ڪتاب گل شير بلوچ گهرنمبر H.C.B. 1816 ممتاز ڪالوني
قاضي عبدالقيوم روڊ، گاڏي کاتو حيدرآباد - سنڌ مان
ڇپائي پڌرو ڪيو ۽ ايم - خان پرنٽنگ پريس حيدرآباد
سنڌ ۾ ڇپيو.

# فهرست


| نمبر | مضمون | صفحو |
|---|---|---|
| ۰۱ | پبلشر پاران | |
| ۰۲ | مقدمو | ۱ |
| ۰۳ | منڍ | ۲۴ |
| ۰۴ | سوڍن جي صاحبي يا راڻن جو راڄ | ۲۶ |
| ۰۵ | سوڍن جو سنڌ ۾ اچڻ | ۳۳ |
| ۰۶ | عمرڪوٽ واري لڙائي | ۳۶ |
| ۰۷ | سوڍن جو ٿر ۾ زور وٺڻ | ۳۹ |
| ۰۸ | حڪومت جو ورهاڱو | ۴۰ |
| ۰۹ | سوڍن جو زور ٽٽڻ | ۴۲ |
| ۱۰ | ڪانگ ڪي لڙ ۾ مزو | ۴۴ |
| ۱۱ | عمرڪوٽ ۾ اڪبر بادشاه جو جنم | ۴۶ |
| ۱۲ | ٿر ۾ ڍلون معاف | ۴۷ |
| ۱۳ | سوڍن جي حڪومت جو نمونو | ۴۸ |
| ۱۴ | ڪلهوڙن جي صاحبي | ۵۴ |
| ۱۵ | ميرن جي صاحبي | ۵۷ |
| ۱۶ | ڪن سوڍن جو پرشٽ ٿيڻ | ۵۹ |
| ۱۷ | انگريزن جي صاحبي | ۶۱ |
| ۱۸ | راڻي رتن سنگه جي ڪهاڻي | ۶۲ |
| ۱۹ | وفادار گهوڙي | ۶۷ |
| ۲۰ | سوڍن ۽ انگريزن جي لڙائي | ۷۱ |
| ۲۱ | راڻن جو هاڻوڪو احوال | ۷۲ |

# " پبلشر پاران "

"گلشن پبليڪيشن" جي شروع ڪان وٺي اهائي ڪوشش رهي آهي ته اهي اڻلڀ ۽ قيمتي ڪتاب جيڪي آزاديءَ کان اڳ ڇپيا ۽ اڄ انهن ڪتابن جو بازار ۾ ملڻ تمام مشڪل آهي. اهڙن ڪتابن ڪي هڪ دفعو وري ڇپائي پڌرو ڪيو وڃي، ته جيئن اڄ جو نوجوان پنهنجي تاريخ کان واقف ٿي سگهي. بس انهيءَ جذبي جي تحت ڪتاب ڇپرائي پڌرو ڪجي ٿو.

هن ڪتاب لاءِ سنڌ جي مشهور اديب، ليکڪ ۽ شاعر جناب ڊر. محمد پٺاڻ صاحب جن کان مقدمو لکرايو ويو آهي. آئون بيحد شڪرگذار آهيان ڊاڪٽر صاحب جن جو جنهن گهڻين مصروفيتن هوندي به وقت ڪڍي اسانجي رهنمائي ڪئي آهي. هوندئن به ڊاڪٽر صاحب جن سنڌي ادب لاءِ جيڪي ڪجهه ڪري رهيو آهي، اهو ڪنهن کان به لڪل نه آهي.

**گل شير بلوچ**

تاريخ ٢٢-٢-١٩٩٠ع

ڪتاب نمبر ..................

# مقدمو

**آڏواڻي ايڪڪ:-** سنڌ جي ادبي تاريخ جو مطالعو ڪندي پاڻ کي اهو معلوم ٿئي ٿو ته ڪيترن خاندانن يا ذاتين کي علم دوستي ۽ ادب پروري ورثي ۾ ملندي آهي. خاندانن جي حوالي سان هالا جو مخدوم خاندان سنڌ جو راشدي خاندان ۽ مرزا خاندان جو نالو مثال طور پيش ڪري سگهجي ٿو. اهڙي نموني ذاتين جا به ڪيترائي مثال ملندا. غيرمسلم ذاتين کي ڌيان ۾ رکبو ته ”آڏواڻي“ ذات جو مثال ڏيڻ آسان ٿيندو.

ورهاڱي کان اڳ ۽ پوءِ واري ادبي تاريخ ۾ ڪيترن ئي آڏواڻي ليکڪن جا نالا ڪر کڻي اسان جو توجهه پاڻ ڏانهن ڇڪرائن ٿا. انهن مان ڪي آهن:

آر.ايڇ آڏواڻي، آوت سنگهه مهتاب سنگهه آڏواڻي، ايس.ٽي آڏواڻي، بونويه آڏواڻي، ڀاڳسنگهه چيتن سنگهه آڏواڻي، ڀاونداس کوبچند آڏواڻي، تاراچند شوقيرام آڏواڻي پاروتي-سي آڏواڻي، پريداس ڀيرومل آڏواڻي، پريتم سنگهه آڏواڻي، جڳت آڏواڻي، جڳت راءِ ڀيسومل آڏواڻي، چندرا آڏواڻي، چٽن راءِ بولچند آڏواڻي، چوهڙ آڏواڻي، چيلارام کيمچند آڏواڻي، دولت پرسرام آڏواڻي، ڪيولرام سلامتراءِ آڏواڻي، ديوي-بي آڏواڻي، ڊي.ٽي آڏواڻي، رام ڪرشن

هيرانند آڏواڻي، ريواچند آڏواڻي، ساڌو هيرانند آڏواڻي، سوڀراج هاسا رام آڏواڻي ، فتح چند مينگهراج آڏواڻي ، ڪلياڻ آڏواڻي، کيمچند آڏواڻي ، گاگنسنگهه آڏواڻي ، منوهر آڏواڻي، ميران آڏواڻي ، نارائڻ ڀوڄراج آڏواڻي ، نولراءِ شوقيرام آڏواڻي، واڌو مل ٻيلارام آڏواڻي، هيرانند کيمسنگهه آڏواڻي.

ڪاڪو ڀيرومل مهرچند پڻ اهڙي ”آڏواڻي ڪهڪشان“ جو هڪ حصو هئو، پر باقي آڏواڻين کان منفرد ۽ اسان جي ادبي آسمان جو هڪ روشن ستارو ، جنهن پنهنجي معمولي تعليم هوندي غيرمعمولي ادبي ۽ قلمي خدمتون سرانجام ڏنيون. جنهن جي سوانح ۽ خدمتن تي روشني وجهڻ جي هتي نمائي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي.

**ليکڪ جو تعارف:-** هونءَ ته ڪاڪي ڀيرو مل مهرچند آڏواڻيءَ جي سوانح ۽ ادبي خدمتن جو ذڪر اسان جي مڙني ادبي تاريخن ۽ علم و ادب سان لاڳاپيل تحقيقي خواه تنقيدي مقالن ۾ اچي ٿو. مگر جيئن قلمي ڪاوشن کي انهيءَ موضوع تي بنيادي ماخذن جي حيثيت حاصل آهي.

انهن ماخذن مان ڪاڪي ڀيرومل جو پنهنجو ڪتاب ”سنڌ جي هندن جي تاريخ“ سندس سوانح بابت مواد ۽ معلومات جو ڀرپور ذريعو آهي. سرگواسيءَ انهيءَ ڪتاب ۾ پنهنجي خاندان جو تفصيلي ذڪر ڪيو آهي پر جنهن ڳالهه جي انهيءَ مواد ۾ ڪمي نظر اچي ٿي،

اها هيءَ آهي تہ ڪاڪي پيرومل مهرچند آڏواڻي انڪساريءَ
ڪان ڪم وٺندي، پنهنجي قلمي پورهئي ۽ ادبي خدمتن
جا مڪمل تفصيل نہ ڏنا آهن.

ڪاڪي پيرومل ”سنڌ جي هندن جي تاريخ“ ١٩٤٦
۾ لکي ڇپرايو. ان کان ٽيڪ ويهہ سال پوءِ محترم
ڊاڪٽر غلام علي الانا جو ”سنڌي نثر جي تاريخ“ شايع
ٿيو، جنهن ڪي ڪاڪي پيرومل آڏواڻي جي سوانح ۽
ادبي خدمتن بابت معلومات ڏيندڙ پهريون مکيہ ذريعو ڇئي
سگهجي ٿو. ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب اهو ساڳيو
ڪتاب ڏهن سالن جي عرصي بعد وڌائي ۽ سڌاري ٻيهر
١٩٧٧ ۾ شايع ڪرايو. هن ڪتاب جي ٻهرين ڇاپي ۾
ڊاڪٽر موصوف ڪاڪي پيرومل آڏواڻي بابت جيڪا
معلومات فراهم ڪئي هئي، اها جيئن جو تيئن ٻئي ڇاپي
۾ پڻ موجود آهي. محترم ڊاڪٽر غلام علي الانا جي
لکڻ مطابق ڪاڪي پيرومل آڏواڻي جي ولادت ١٨٧٦ع
۾ ۽ لاڏاڻو ١٩٥٣ع ۾ ٿيو. ان ڪانسوءِ ڊاڪٽر موصوف
ڪاڪي پيرومل جي ٽيهن ڪتابن جو وچور ڏنو آهي.

انهيءَ سلسلي جي ٽين قلمي ڪوشش محترم جي-ايم
سيد جي ڪتاب ”جنب گذاريم جن سين“ (جلد پهريو)
آهي. هي ڪتاب پهريون ڀيرو ١٩٦٧ع ۾ ”سنڌي ادبي
بورڊ“ طرفان شايع ٿيو. شاه صاحب انهيءَ ڪتاب ۾
ڪاڪي پيرومل جي خاندان، شخصيت ۽ ادبي خدمتن
جو تعريف جوڳو ۽ پهرين معلوماتي ذريعي (سنڌ جي

ادبي تاريخ) جي پيٽ ۾ وڌيڪ احوال ڏنو آهي. ان کان سواءِ ڪاڪي پيرو مل آڏواڻيءَ جي لاڏاڻي جي درست ۽ مستند تاريخ پڻ ڏني آهي، جيڪا آهي ٧ جولاءِ ١٩٥٠ع. پر جي-ايم سيد سندس ڪتابن جو تعداد ٤٥ ٻڌائي ٿو، جن مان ٢٠ ڪتابن جي نالن جو وچور پڻ ڏئي ٿو. انهيءَ وچور ۾ ٿي ڪتاب اهڙا آهن جن جو ذڪر محترم ڊاڪٽر غلام علي الانا جي ڪتاب ”سنڌي نثر جي تاريخ“ ۾ موجود ڪونهي.

انهيءَ معلوماتي ذريعي کان پوءِ منهنجو تحقيقي مقالو ڪاڪي پيرومل جي سوانح ۽ خدمتن تي روشني وجهندڙ ٽيون بنيادي ماخذ چئي سگهجي ٿو. ”ڪراچي ضلعي جو سنڌي ٻولي ۽ علم ادب جي ترقي ۾ حصو“ جي عنوان سان لکيل انهيءَ مقالي تي مون کي ١٩٧٩ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ ڊاڪٽريءَ جي ڊگري ڏني. مون انهيءَ مقالي ۾ ڪاڪي پيرومل جي ولادت جو سال ١٨٧٥ع ٻڌايو آهي، جيڪو مستند پڻ آهي ۽ انهيءَ کان اڳ ۾ اهو نه ته محترم جي-ايم سيد ٻڌايو يا لکيو آهي ۽ نه وري محترم ڊاڪٽر غلام علي الانا درست ڏنو آهي. ان کان سواءِ مون ڪاڪي پيرومل آڏواڻي جي ڪتابن جو وچور پڻ انهن ٻنهي مهربانن جي ڏنل وچور کان وڌو ۽ وس پڄي مڪمل ڏنو آهي، جنهن جا تفصيل هن کان پوءِ هيٺ ڏنا ويندا.

ڪاڪي پيرومل آڏواڻي بابت مختصر تعارف پيش

ڪبو ته اهو چوڻ ئي ڪافي ٿيندو ته ڪاڪو پيرومل آڏواڻي ۱۸۷۵ع ۾ حيدرآباد ۾ ڄائو. سندس والد مهرچند سيٽلمينٽ کاتي ۾ هيڊ منشي هو ۽ سندس ڏاڏو ديوان آئل مل ولد اجومل مختيارڪاريءَ جو عهدو ماڻي چڪو هو.

ڪاڪي پيرومل ۱۸۹۵ع ۾ سالٽ ۽ ايڪسائيز کاتي ۾ ملازمت اختيار ڪئي، ۱۹۲۴ع ۾ اتان رٽائر ڪرڻ کان پوءِ ڊي.جي سنڌ ڪاليج ڪراچي ۾ سنڌيءَ جو ليڪچرارمقرر ٿيو. اتي ۱۹۳۷ع تائين پاڙهيندو رهيو. ورهاڱي کان پوءِ بمبئي لڏي ويو جتي ۱۹۵۰ع ۾ لاڏاڻو ڪيائين.

**ڪاڪي پيرومل جو قلمي پورهيو:-** ڪاڪي پيرومل مهرچند آڏواڻي ته پنهنجي قلم سان سنڌي ٻولي جي جهولي ڀري ۽ علم ادب سان انصاف ڪيو، ليڪن اسان سائس ڀرپور انصاف نه ڪيو آهي. ڪاڪي پيرومل ”غريب“ جي تخلص سان سنڌي شاعريءَ جي چمن جي آبياري ڪئي ۽ هڪ پرخلوص تخليقڪار، مترجم ۽ محقق جي روپ ۾ نثري ادب ۾ انمول اضافو ڪيو.

اڳوڻن درسي ڪتابن ۾ سندس سوين سبق ۽ بيت شايع ٿيا. ان کان ”سنڌو“، ”مهراڻ“ ۽ ٻين مکيه رسالن لاءِ ڪيترائي مضمون لکيائين. سندس انهيءَ قلمي پورهئي جو وچور اڃا نه ٿيو ويو آهي. نه فقط ايترو بلڪ پاڻ جيڪي ڪتاب لکيائون يا ترجمو ڪيائون

انهن جي ڳاڻاٽي خواه موضوعن بابت هن وقت تائين پڻ قطعي راءِ قائم نہ ڪئي وئي آهي، پوءِ بہ اڌوريءَ ۽ اڻپوريءَ معلومات جي آڌار تي اهو چئي سگهجي ٿو تہ سرڳواسيءَ نظم کان علاوه نثر جي مکيہ صنفن ۽ موضوعن تي پنهنجي صلاحيتن ۽ لياقتن جو مظاهرو ڪيو. ان ڪري انهيءَ کان اڳ جو سندس ڪتابن جو سال وار وچور ڏجي، مناسب ٿيندو تہ سندس ڪتابن کي ڏيان ۾ رکي ڪن مکيہ موضوعن جي نشاندهي ڪجي:

(الف) لسانيات: "غريب اللغات"، "اصطلاحن جو بنياد"، "سنڌي ٻولي"، "وڏو سنڌي ويا ڪرڻ"، "ننڍو سنڌي ويا ڪرڻ"، "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ"، "اعرابن جو مسئلو"، "اعرابن بابت مونجهاري جي سمجهاڻي" ۽ ايٽيمالاجيڪل سنڌي ڏو سنڌي ڊڪشنري".

(ب) تاريخ: "هندستان جي تاريخ"، "سنڌ جون سوکڙيون"، "هندن جي جيوت پهاڪن مان پڌري"، "عاملن جو احوال"، "سوڍن جي صاحبي"، "انگلنڊ جي تاريخ"، "قديم سنڌي"، "سنڌ جي هندن جي تاريخ" ۽ "هندن جي تاريخ".

(ت) لطيفيات: "غريب اللغات"، "سر سورٺ معنيٰ سان"، "لطيفي سئر"، "ڀٽائي گهوٽ شاهعبداللطيف جي ورسي" ۽ "مارئي جو ملڪ".

(ث) سئر سفر: "سنڌ جو سيلاني"، "هيلايا ۽ ڪينجهر" ۽ "دوارڪا جو درشن".

(ج) ٻاراڻو ادب: ”شر ۽ ڪرشڻ ليلا“، ”وچن مالا“، ”ٻاراڻيون ٻوليون“، ”ديپ مالا“ ۽ ”تلسيون ۽ بيڪم“.

(ح) ناٽڪ/ ڊراما: ”بلبل بيمار“، ”علي بابا ۽ چاليهه چور“، ”حرص جو شڪار“، ”ڏي ۽ وٺ“ ”شيطان مجهان انسان“، ”ڌرو ڀڳت“، ”حڪمتي ماجسٽريٽ“، ”پنگتي مقدمو“، ”بزازين جا ناٽڪ“، ”آزاديءَ جي ڪوڏي“، ”منڊليءَ جو چوڪيدار“، ”بدي جا سراڻ“، ”مڙس جي مڙسي“ ۽ ”گوپي چند“.

(خ) ناول: ”پريم جو مهاتم“، ”وريل ۽ نعمت“، ”موهني ٻائي“، ”سنڌ جو نوڳي“ ”گولن جو گوندر“، ”طلسم“ ۽ ”هيريءَ سندي هير“.

(د) مزاحيه ادب: ”سنڌ جو نوڳي“، ”ڪئن جي ڪانفرنس“، ”ڏيتي ليتي ائڪٽ“ ۽ ”مڇرن جي ميٽنگ“.

(ذ) شاعري: ”جوهر نظم“، ”سر ٿامس رو“، ”وچن مالا“، ”سسئي ۽ ماڻس“، ”ٻاراڻيون ٻوليون“، ”نوبهار“، ”چوند ڪلام“، ”ديپ مالا“ ۽ ”ٻارهن ماه“.

(ر) سوانح: ”سر ٿامس رو“، ”مرزا قليچ بيگ جي حياتيءَ جو احوال“، ”اڏيرو لعل“ ۽ ”شري ڪرشڻ ليلا“.

(ز) نصابي ڪتاب: ”جوهر نظم“ (ٻه ڀاڱا) ”نوبهار“، ”گلزار نثر“ ۽ ”بهار نثر“.

انهن مٿي ذڪر ۾ ڏنل موضوعن تي ڪاڪي ڀيرومل مهرچند آڏواڻي ڪل ڪيترا ڪتاب لکيا؟ انهيءَ لاءِ تصديق سان چئي نٿو سگهجي، البته آئون هن وقت تائين سنڌس ڪتابن جو جيڪو وچور ناهي سگهيو آهيان اهو هن هيٺ ڏجي ٿو:

| نمبر | ڪتاب جو نالو | ڇپائيءَ جو سال | موضوع |
|---|---|---|---|
| ١- ● | "ٻارنهن ماهه" (ترتيب) | ١٨٩٦ع | مذهبي شاعري |
| ٢- () | "بلبل بيمار" ترجمو (اردو لفظ سنڌي ۾) | [١٩٠٢ع] | ناٽڪ |
| ٣- () | "علي بابا ۽ چاليهه چور" (اردو لفظ سنڌي ۾) | [١٩٠٣ع] | ناٽڪ |
| ٤- () | "غريب اللغات" | ١٩٠٧ع | لسانيات / لطيفيات |
| ٥- () | "هندستان جي تاريخ" | ١٩٠٨ع | تاريخ |
| ٦- () | "جوهر نظم" (ٻيو ڀاڱو ڀيريون) | ١٩٠٩ع | درسي/ نصابي |
| ٧- () | "آنند سندريڪا" | ١٩١٠ع | ناول |
| ٨- () | "حرص جو شڪار" (ترجمو) | ١٩١٢ع | ناٽڪ |
| ٩- () | "پريم جو مهاتم" | ١٩١٤ع | ناول |
| ١٠- () | "وريل ۽ نعمت" (قطعن ۾) | ١٩١٦ع | ناول |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ١١- X | ”سنڌ جون سوکڙيون“ | ١٩١٧ | کان اڳ | تاريخ |
| ١٢- () | ”سر سورٺ معنيٰ سان“ | ١٩١٧ | کان اڳ | لطيفيات |
| ١٣- X | ”ڏي ۽ وٺ“ | ١٩١٧ | کان اڳ | ناٽڪ |
| ١٤- X | ”شيطان منجهان انسان“ | ١٩١٧ | کان پوءِ | ناٽڪ |
| ١٥- X | ”پتري پستڪ“ | ١٩١٧ | کان پوءِ | ؟ |
| ١٦- X | ”اصطلاحن جو بنياد“ | ١٩١٧ | کان پوءِ | لسانيات |
| ١٧- X | ”سورهن سنسڪار“ | ١٩١٧ | کان پوءِ | ؟ |
| ١٨- X | ”شري ڪرشڻ ليلا“ (گرمکي) | ١٩١٧ | کان پوءِ | ٻاراڻو ادب |
| ١٩- () | ”سرڏامس مور“ | ١٩١٧ | کان اڳ | منظوم سوانح |
| ٢٠- X | ”وچن مالا“ | ١٩١٧ | کان اڳ | ٻاراڻا پچن |
| ٢١- X | ”ڌرو ڀڳت“ | ١٩١٧ | کان اڳ | ناٽڪ |
| ٢٢- () | ”پهاڪن جي پيڙهه“ | ١٩١٧ | کان اڳ | لسانيات |
| ٢٣- () | ”موهني ٻائي“ | ١٩١٧ | | ناول |
| ٢٤- () | ”سسئي ۽ ماٺس“ | ١٩١٧ | | شاعري |
| ٢٥- ● | ”گهرو ڪفايت“ | ١٩١٧ | | سماجي اقتصاديات |
| ٢٦- X | ”هندن جي جيوت پهاڪن مان پڌري“ | ١٩١٧ | کان پوءِ | سماجيات |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ٢٧- X | مرزا قليچ بيگ جي حياتيءَ جو مختصر احوال | ١٩١٧ | ڪان پوءِ | سوانح |
| ٢٨- X | "حڪمتي ماجسٽريٽ" | ١٩١٧ | ڪان پوءِ | ناٽڪ |
| ٢٩- X | "ٻاراڻيون ٻوليون" | ١٩١٧ | ڪان پوءِ | ٻاراڻو ادب |
| ٣٠- X | "لفظن جا بنياد" | ١٩١٧ | ڪان پوءِ | لسانيات |
| ٣١- X | "عاملن جو احوال" | ١٩١٩ | | سماجي تاريخ |
| ٣٢- () | "جوهر نظم نظم" (ڀاڱو ٻيو) | ١٩٢٢ | | نصابي / درسي |
| ٣٤- X | سنڌي الف ب ڪيئن ٺهي | ١٩٢٣ | | لسانيات |
| ٣٥- () | "سنڌ جو سيلاني" | ١٩٢٣ | | سئر سفر |
| ٣٦- () | "گلقند" | ١٩٢٤ | | لسانيات |
| ٣٧- () | "سوڍن جي صاحبي يا راڻن جو راڄ" | ١٩٢٤ | | تاريخ |
| ٣٨- ● | "سنڌي ٻولي" | ١٩٢٥ | | لسانيات |
| ٣٩- () | "وڏو سنڌي وياڪرڻ" | ١٩٢٥ | | لسانيات |
| ٤٠- ● | "مڙس جي مڙسي" | ١٩٢٥ | | ناٽڪ |
| ٤١- X | "هيري جون ڪڻيون" (ترتيب) | ١٩٢٦ | | افسانوي ادب |

| | | | |
|---|---|---|---|
| ٤٢- () | ”انگلنڊ جي تاريخ (ترجمو/ ساڻي مترجم)“ | ١٩٢٦ | تاريخ |
| ٤٣- ● | ”سنڌ جو نوگِي“ | ١٩٢٦ | مزاحيه ادب |
| ٤٤- () | ”گولن جا گوندر“ (ترجمو) | ١٩٢٦ | ناول |
| ٤٥- () | ”نو بهار“ | ١٩٢٦ | درسي / نصابي |
| ٤٦- () | ”دوارڪا جو درشن“ | ١٩٢٧ | سئر سفر |
| ٤٧- () | ”هيلايا ۽ ڪينجهر“ | ١٩٢٧ | سئر سفر |
| ٤٨- () | ”طلسم“ (ترجمو / ساڻي مترجم) | ١٩٢٧ | ناول |
| ٤٩- () | ”پنگتي مقدمو“ | ١٩٢٧ | ناٽڪ |
| ٥٠- () | ”ڪٺن جي ڪانفرنس“ | ١٩٢٨ | مزاحيه ادب |
| ٥١- () | ”بزازين جا ناٽڪ“ | ١٩٢٨ | ناٽڪ |
| ٥٢- () | ”چونڊ ڪلام“ | ١٩٢٨ | نصابي / درسي |
| ٥٣- () | ”ڏيتي ليتي اڏڪٽ“ | ١٩٢٨ | مزاحيه ادب |
| ٥٤- () | ”گلزار نثر“ | ١٩٢٩ | نصابي / درسي |
| ٥٥- () | ”بهار نثر“ | ١٩٣٢ | نصابي / |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | | درسي |
| ٥٦- () | ”ننڍو سنڌي ويا ڪرڻ“ (ساڌي ليڪڪ) | ١٩٣٤ چوٿون ڇاپو | لسانيات |
| ٥٧- () | ”آزاديءَ جي ڪوڏي“ | ١٩٣٨ | ناٽڪ |
| ٥٨- () | ”سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ“ | ١٩٤١ | لسانيات |
| ٥٩- () | ”اعرابن جو مسئلو“ | ١٩٤١ | لسانيات |
| ٦٠- () | ”اعرابن بابت مونجهاري جي سمجهاڻي | ١٩٤١ | لسانيات |
| ٦١- () | ٻتائي گهوٽ شاهه عبداللطيف جي ورسي“ | ١٩٤٢ | لطيفيات |
| ٦٢- () | ”قديم سنڌ“ | ١٩٤٤ | تاريخ |
| ٦٣- () | ”جاسوس“ (وريل ۾ نعمت جو ٻيو ڇاپو) | ١٩٤٦ | ناول |
| ٦٤- () | ”سنڌ جي هندن جي تاريخ“ (ڀاڱو پهريون) | ١٩٤٦ | تاريخ |
| ٦٥- () | ”سنڌ جي هندن جي تاريخ“ (ڀاڱو ٻيو) | ١٩٤٧ | تاريخ |
| ٦٦- ● | ”ديپ مالا“ | ؟ | مذهبي شاعري |
| ٦٧- X | ”هيريءَ سنڌي هير“ | ؟ | ناول ؟ |
| ٦٨- | ”اڏيرو لعل“ | ؟ | سوانح |

| | | | |
|---|---|---|---|
| ٦٩- ● | "مڇرن جي ميٽنگ" | ؟ | مزاحيہ ادب |
| ٧٠- ● | "منڊليءَ جو چوڪيدار" | ؟ | ناٽڪ |
| ٧١- ● | "ٻڌي جا سراڌ" | ؟ | ناٽڪ |
| ٧٢- ● | "تلسيون ۽ ٻيڪم" | ؟ | ؟ |
| ٧٣- ● | "گوپي چند" | ؟ | ناٽڪ |
| ٧٤- ● | "مارئي جو ملڪ" | ؟ | تاريخ / سئر سفر |
| ٧٥- ● | "موهن جو دڙو" (انگريزي) | ؟ | آثار قديمہ |
| ٧٦- ● | "هندن جي لڏ پلاڻ" | ؟ | تاريخ |
| ٧٧- ○ | "ايٽيمالاجيڪل سنڌي ٽو سنڌي ڊڪشنري" | ؟ | تاريخ لسانيات الغات |

## نشانين جي وضاحت

موضوع تي وڌيڪ کوجنا ڪندڙن جي آسانيءَ لاءِ ڪتابن جي •تي ڏنل وچور ۾ ڪي نشانيون ڏنيون ويون آهن، جن جي وضاحت هتي ڏجي ٿي.

| نشاني | وضاحت |
|---|---|
| ( ) | اهو ڪتاب مون پاڻ ڏٺو آهي. |
| [ ] | انهيءَ معلومات ۾ مون کي شڪ آهي. |
| X | اها معلومات ڪاڪي پيرو مل جي ڪتابن مان ورتي وئي آهي. |
| ● | اها معلومات ڊاڪٽر الانا جي ڪتاب |

"سنڌي نثر جي تاريخ"، ڊاڪٽر
عبدالجبار جوڻيجي جي "لطيفيات"
۽ منگهارام ملڪاڻي جي ڪتاب
"سنڌي نثر جي تاريخ" تان ورتي
وئي آهي. البت "مارئي جو ملڪ"
بابت سرڳواسي رائچند پنهنجي ڪتاب
"تاريخ ريگستان" ۾ لکي ٿو ته
اهو مسودو ڪاڪي ڀيرو مل "سنڌي
ساهت لاءِ مرڪزي صلاحڪار بورڊ
جي حوالي ڪيو هو.
يعني ته ان بابت مون کي ڪابه ؟
خبر ڪانهي.

## ڪجهه ڪتاب بابت:

"گلشن پبليڪيشن" طرفان ڀيهر شايع ٿيندڙ ڪتاب "سوڍن جي صاحبي يا راڻن جو راڄ" پهريون ڀيرو ۱۹۲۴ ۾ شايع ٿيو. ڇهن آنن جي قيمت ۾ ٦٨ صفحن وارو هي ڪتاب ڪاڪي ڀيرو مل مهرچند آڏوائيءَ، حيدرآباد جي اسٽينڊرڊ پرنٽنگ ورڪس مان ڇپرائي پڌرو ڪيو. هي ڪتاب جملي ۱۹ عنوانن ۾ ورهايل آهي. موضوع جي لحاظ کان هي ڪتاب ٿر ۾ سوڍن جي صاحبيءَ واريءَ تاريخ سان واسطو رکي ٿو.

ڪاڪي ڀيرو مل آڏوائيءَ هن ڪتاب کي مڪمل

ڪرڻ لاءِ معلومات جا جيڪي ذريعا ۽ وسيلا ڪم آندا آهن، ان جا تفصيل ڪتاب ۾ موجود آهن، ان ڪري انهن کي هتي ورجائڻ بي سود ٿيندو. البته ڪاڪي پيرو مل مهرچند آڏواڻيءَ جا هي لفظ ور ور ڏئي پڙهڻ تي دل چئي ٿي. لکي ٿو:

"سوڍن جي صاحبيءَ جو بيان ڪو تاريخ نويس بروقت لکي ها ته اها تواريخ وڏيڪ معتبر ليکجي ها، هاڻ به جنهن صورت ۾ منهنجون هٿ ڪيل حقيقتون ڪرنل ٽاڊ جي راجستان جي بيان ۾ ڪئپٽن ريڪس جي ٿر جي ذڪر ۽ سنڌ گريٽيئر سان ڪيترقدر ملي ٿيون اچن، تنهن صورت ۾ مون کي ايئن وسهڻ لاءِ سبب آهي ته پيون ڳالهيون جي مون سوڍن جي دستخط ڪتابن مان ڪڍي هن ڪتاب ۾ چاڙهيون آهن ۽ پڻ ڪنهن به ڪتاب ۾ ڪين‌هن، سي بي سچيون آهن. چاڪاڻ جو انهن لاءِ ڪجهه ثابتي شاهه جي رسالي ۽ چارڻ جي راڳن مان ملي ٿي. ڪنهن بہ حالت ۾ هي ڪتاب عام خلق جي وندر ۽ سنڌ جي آڳاٽي تاريخ جي کوجنا ڪندڙن لاءِ اميد ته گهڻو ڪمائتو ٿيندو."

هونءَ ته ڪاڪي پيرو مل آڏواڻيءَ جو اهو ڪتاب

لکن مٿ آهي. پر پاڻ کي خيالن ۽ خدشن جي موتين جي مٿ هن اقتباس ۾ پري ڏني اٿس، ان کي ڏسي پڙهي اسان جي تاريخ نوازي واري جذبي جا پول پڌرا ٿي پون ٿا!

هڪ طرف اسان اها دعويٰ ڪندا آهيون ته پاڻ هڪ عظيم ۽ قديم قوم ۽ شاندار ماضيءَ جا وارث آهيون، ٻئي طرف انهيءَ شاندار ماضي تي ڪم ڪندڙن کي قبر کوٽ چئي هٿ ٺي هٿ رکي ويهندا آهيون. "تاريخ" اسان لاءِ ڪٿي ٺوهه برابر آهي. تاريخي ماخذن معلوماتي ذريعن ۽ وسيلن کي سانڍڻ جو پاڻ وٽ اڇا سليقو ۽ جذبو پيدا ٿي نه ٿيو آهي.

مٿي ڏنل اقتباس ۾ اسان سنڌ واسين جي تاريخي نفسات ۽ تاريخ سان روايتي جا اهڃاڻ موجود آهن.

مثال طور:

۱- ڪاڪي ڀيرو مل جنهن موضوع تي قلم کنيو، ان تي ڪانئس اڳ ڏارين انگريزن ڪجهه نه ڪجهه لکيو هئو. يعني ته اسان هر دور ۾ پنهنجي "تاريخ" مرتب ڪرڻ وارو قلم، ادارو ۽ جذبو ٻين جي هٿ ۾ ڏيندا آهيون. اها روايت اڄ به اسان وٽ قائم ۽ دائم آهي!

۲- جيئن ته اسان "تاريخ" کي "موضوع" ۽ "فن جي حيثيت ۾ ڪا به اهميت، نه ڏني آهي ۽ هر دور ۾ تاريخ جا منظم نموني مستند ڪتاب لکيا آهن،

ان ڪري اسان جي ”لوڪ شاعري“ ۽ لطيف سائين جو ڪلام اسان لاءِ تاريخي ماخذن جهڙي حيثيت رکن ٿا. پر بد قسمتي سان اسن ”لوڪ شاعريءَ“ کي مدي خارج ۽ رجعت پسند فن ڇئي نظر انداز ڪندا رهون ٿا ۽ لطيف سائين خواهه سندس فن کي هن دنيا جي حالتن واري عدالت ۾ پاڻ کي ۽ پنهنجي سوچن کي سچو ثابت ڪرڻ لاءِ شاهد طور پيش ڪيون ٿا. ان ڪري اهي ٻئي ذريعا اسان تاريخي ڄاڻ حسي سرچشمن طور ڪم آڻڻ جي سگهه وڃائي چڪا آهيون. ليڪن ڪاڪي ڀيرو مل آڏواڻي انهن مان ڀرپور استفادو ڪيو آهي. ان ڪري ته انهيءَ دعويٰ ڪرڻ ۾ حق بجانب نظر اچي ٿو ته سندس ”هي ڪتاب عام خلق جي وندر ۽ سنڌ جي آڳاٽي تواريخ جي کوجنا ڪندڙن لاءِ اميد ته گهڻو ڪمائتو ٿيندوهه“

٣- جيئن ته سنڌ صدين ڪان وٺي ذات پات جي زنگ جو زهر بيٺندي پئي اچي، ان ڪري اسان، فقط انهيءَ بنياد تي اوچ نيچ جون ديوارون قائم رکيون پيا اچون، بلڪه خانداني ملڪيت يا وڏڙن جي نشاني ڇئي سنڌ جي تاريخ جي مکيه دستاويزن، معلوماتي ذريعن، وسيلن ۽ ماخذن کي بہ پنهنجي گوڏي هيٺان رکندا پيا اچون. انهيءَ عادت ۾ اسان ايترا ته پڪا ۽ پختا ٿي چڪا آهيون جو هاڻي خاندان ته رهيا پنهنجي ماڳ پر پنهنجي ذاتي، نجي ۽ شخصي ليڙ به ڪنهن کي

ٿي ڪانه رهي ته اسان جا ادارا عرصو ٿيو جو الله کي پيارا ٿي چڪا آهن. بهرحال اهڙيءَ ريت هڪ اهم پراجيڪٽ کي نظرانداز ڪيو ويو. ليڪن ان جي اهميت ۽ طريقه ڪار جي قوت ۽ ڪشش عرصي تائين دائم ۽ قائم رهندي. ڇو ته اسان جا اديب، شاعر، صحافي ۽ سياستدان جڏهن به پنهنجي سرگرمين ۽ خدمتن جو رڪارڊ ترتيب ڏئي محفوظ ڪرڻ شروع ڪندا ته اهو خزانو ايندڙ دور جي محقق لاءِ اسان جي دور جي مستند معلومات جو مکيه ذريعو بڻجي پوندو.

انهيءَ حوالي سان ڪاڪو پيرومل مهر چند آڏواڻي وڏو خوش نصيب هئو جنهن کي سوڍن جي دستخط ڪتابن ڏسڻ ۽ انهن مان معلومات وٺڻ جو موقعو مليو.

ڪي پيرو مل مهر چند آڏواڻي اهي ٿي مٿي ذڪر ڪيل ٿئي معلومات جا ذريعا ۽ وسيلا ڪم آندا جنهن مان هڪ مختصر مگر ايندڙ دور جي تاريخ نويسيءَ تي اثرانداز ٿيندڙ ڪتاب جي تخليق ٿي.

ان ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي ته ”سوڍن جي صاحبي يا راڻن جو راڄ“ مختصر ڪتاب آهي. پر ان کي تر ۾ راڻن جي راڄ واري تاريخ جي آڌوٽ لائينس جهڙي اهميت حاصل آهي. ان ڪان سواءِ اها پڻ حقيقت آهي ته، سنڌس هي ڪتاب اڳتي هلي ٻن مکيه ڪتابن جي تخليق جو ڪارڻ ٿيو. جن جو ذڪر ڪرڻ خود ڪاڪي پيرومل جي قلمي پورهئي سان انصاف ڪرڻ برابر آهي.

## (الف) ”امر ڪوٽ جو اتهاس“:

ڪاڪي ڀيرومل مهر چند آڏواڻيءَ جو اهو ڪتاب ١٩٢٤ع ۾ شايع ٿيو. چار سال پوءِ، يعني ١٩٢٨ع ۾ ٺاڪر تيج سنگهه سولنڪيءَ ڪراچيءَ مان نڪرندڙ روزنامه ”هندو جاتي“ ۾ عمر ڪوٽ جي تاريخ جي موضوع تي قسطوار مضمون لکيا. اڳتي هلي سندس شوق ۽ ڄاڻ جي پختگيءَ ١٩٣٤ع ۾ ”امر ڪوٽ سنڌ جو اتهاس“ نالي هڪ ڪتاب تخليق ڪيو. هن ڪتاب جو ٽائيٽل پيٽنو ڪاڪي ڀيرو مل جو ڪتاب ”سوڍن جي صاحبي يا راڻن جو راڄ“ محسوس ٿئي ٿو، ڇو ته ٻنهي ڪتابن ۾ عنوانن ۽ واقعن جي ترتيب لڳ ڀڳ هڪ جهڙي نظر اچي ٿي. جيڪڏهن ٻنهي ڪتابن ۾ ڪو فرق آهي ته اهو هي آهي ته ٺاڪر تيجسنگهه سولنڪي پنهنجي ڪتاب ”عمر ڪوٽ“ کي موضوع ۽ مرڪز بڻايو آهي ۽ ان حوالي سان شهر جي تاريخ، جاگرافي، ثقافت ۽ سماج تي گهڻو توجهه ڏنو اٿس، جڏهن ته ڪاڪي ڀيرومل آڏواڻي سموري ٿر کي ڌيان ۾ رکي سوڍن جي صاحبيءَ تي روشني وڌي آهي. ٻنهي ڪتابن ۾ واضح فرق اهو آهي ته ڪاڪو ڀيرومل چئي ٿو ته ”عمر ڪوٽ“ جو اصلي نالو ”همروٽ“ آهي، جڏهن ته ٺاڪر تيجسنگهه سولنڪي جو زور انهيءَ ڳالهه تي آهي ته ”عمرڪوٽ“ دراصل ”امر ڪوٽ آهي“.

## (ب) تاريخ ريگستان:

"امر ڪوٽ سنڌ جو اتهاس" کان پوءِ سرڳواسي راءِچند هريجن جي ڪتاب "تاريخ ريگستان" جا ٻه جلد پاڻ کي ڪاڪي پيرومل آڏواڻيءَ جي ڪتاب "سوڍن جي صاحبي يا راڻن جو راڄ" جي ياد ڏيارين ٿا. "تاريخ ريگستان" جو پهريون جلد ١٩٥٦ع ۾ ۽ ٻيو جلد ١٩٧٥ع ۾ "سنڌي ادبي بورڊ" طرفان شايع ٿيو.

سرڳواسي راءِچند پنهنجي انهيءَ قلمي پورهئي ۾ نه فقط ڪاڪي پيرو مل جي خدمتن جو ذڪر ڪيو آهي بلڪ ان جي ڪيترن ڪتابن مان استفادو پڻ ڪيو آهي. انهن ٻنهي بزرگن جي وچ ۾ خط و ڪتابت به رهي، جنهن جي خبر 'تاريخ ريگستان" جي پڙهڻ مان پئي ٿي. جيڪڏهن 'تاريخ ريگستان' کي سوڍن جي صاحبي يا راڻن جو راڄ' ڪتاب جي سڌاريل ۽ وڌايل صورت چوڻ سرڳواسي راءِچند سان زيادتي ڪرڻ برابر ٿيندو ته ان چوڻ ۾ به ڪو وڌاءُ نه ٿيندو ته 'سوڍن جي صاحبي يا راڻن جو راڄ' ئي حقيقت ۾ 'تاريخ ريگستان' جهڙي شاهڪار جو بنياد آهي. ڇو ته هنن ٻنهي ڪتابن ۾ پڻ اسان کي مواد، عنوانن ۽ واقعن جي هڪ جهڙي ترتيب نظر اچي ٿي. پوءِ اها ٻي ڳالهه آهي ته مواد جي گهڻائي ۽ موضوع جي وسعت انهن ٻنهي ڪتابن کي هڪ ٻئي کان الڳ ڪري

بيهاري ٿي. اها به حقيقت آهي ته 'تاريخ ريگستان' ۾ خود ڪاڪي پيرو مل آڏواڻيءَ طرفان اڳ ۾ سندس ڪتاب ۾ مهيا ڪيل معلومات جي درستي ڪيل پڻ نظر اچي ٿي. ان ڪان سواءِ سرڳواسي رائچند پنهنجي ڪتاب کي وڌيڪ جامع ۽ مڪمل بنائڻ لاءِ معلومات جا وڌيڪ ذريعا ۽ وسيلا ڪم آندا آهن. پر پوءِ به 'تاريخ ريگستان' کي ڪاڪي پيرو مل جي خواب جو تعبير يا سندس ڪتاب 'سوڍن جي صاحبي يا راڻن جو راڄ' جي تڪميل چئي سگهجي ٿو.

اهڙي ريت منگهارام اوجها جو ڪتاب 'پراڻو پارڪر' پڻ اسان کي ساڳي سلسلي جي هڪ ڪڙي لڳي ٿو. ائين ٿو لڳي ته جيڪڏهن ڪاڪو پيرومل مهر چند آڏواڻي 'سوڍن جي صاحبي يا راڻن جو راڄ' ڪتاب لکي ها ته شايد اهي ٻئي ڪتاب تخليق ٿي نه سگهن ها.

## آخري ڳالهه:

'سوڍن جي صاحبي يا راڻن جو راڄ' ۱۹۲۴ع تائين ٿر ۾ راڻن جي راڄ جي مختصر مگر جامع تصوير پيش ڪري ٿو. بلاشبہ ان ڪان پوءِ وارن ڪتابن، خاص طور تي مٿي ذڪر ڪيل ٽن ڪتابن ۾ سوڍن جو چڱو خاصو احوال محفوظ ٿي چڪو آهي. ان هوندي به انهيءَ ڳالهه کي شدت سان محسوس ڪري سگهجي ٿو ته ٿر جا سوڍا انهيءَ موضوع کي وڌيڪ جامع ۽ مڪمل ڪرڻ

لاءِ جيسٽائين پاڻ ذاتي دلچسپي نہ وٺندا تہ وري جڏهن ڪو ڀيرو ڪاڪو ڀيرو مل پيدا ٿيندو تہ ڀيهر ڪيس لکڻو پوندو تہ ”هن وقت جيڪي سنڌ جو “تواريخون عام طرح سڪولن ۾ پاڙهڻ ۾ اچن ٿيون تن مان ڪنهن ۾ بہ ائين چاڙهايل ڪونهي تہ ... سوڍن جو بيان ڪو تواريخ نويس بروقت لکي ها تہ اها تواريخ وڌيڪ معتبر ليکجي ها““. وغيره.

سنڌ جي جامع تاريخ لاءِ اها ڳالهہ چڱي ڪانهي تہ ان کي نظرانداز ڪري ذاتين پاتين ۽ خاندان جي بنياد تي تاريخ جا ڪتاب مرتب ڪيا وڃن. ليڪن بدقسمتي سان جيئن تہ سنڌ جي جامع تواريخ مرتب ڏي نہ ڪئي وئي آهي، ان ڪري، اهڙي تاريخ جي مختلف پهلوئن کي مڪمل ڪرڻ لاءِ مختلف طريقا پڻ اختيار ڪري سگهجن ٿا. ان ڪري جيڪڏهن ڪاڪي ڀيرومل ۽ سرڳواسي رائچند جتي سوڍن جي تاريخ جو بيان ڇڏيو آهي، اتان انهيءَ ڳالهہ کي ڪٿي پورو ڪري سگهجي ٿو. پوءِ ان لاءِ ٿر جا هلندي پڄندي ۽ مڃي ماني لائق سوڍا پنهنجي الڳ اڪادمي ٺهرائن يا ڪنهن تحقيقي اداري جي مالي مدد ڪري اهو پراجيڪٽ انهيءَ حوالي ڪن. بهرحال انهيءَ موضوع تي وڌيڪ ڪم ٿيڻ گهرجي.

ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ

# منڍي

هن وقت جيڪي سنڌ جون تواريخون عام طرح
سڪولن ۾ پاڙهڻ ۾ اچن ٿيون تن مان ڪنهن ۾ به ائين
چاٽايل ڪونهي ته سنڌ ۾ سومرن جي صاحبي هوندي
به ٿر ۾ راڻن جو راڄ هو. مونکي هن ڳالهه جي خبر
پهريائين سنڌ گزيٽيئر مان پيئي جنهن ۾ سوڍن جي
صاحبي جو مختصر ذڪر آهي. مون پوءِ ڪئپٽن ريڪس
جو انگريزيءَ ۾ ٺاهيل ڪتاب ٿر بابت پڙهيم جنهن
۾ سوڍن جو جيڪي سو سرسيرو بيان ڏنل آهي. سنه
١٩٢٣ع ۾ عمرڪوٽ پاسي گشت ڪندي مون سوڍن
جي صاحبيءَ بابت وڌيڪ احوال جدا جدا ماڻهن کان
هٿ ڪيو ۽ ڪجهه جيترو احوال عمرڪوٽ جي هاڻوڪي
گادي نشين راڻي جي آڪهه وارن مان مليم جن وٽ
پنهنجن وڏن جا ٿورا دستخط بيان موجود آهن. آءٌ
ننگرپارڪر ويس ۽ اتان به سوڍن بابت ڪي حقيقتون
مليم ۽ هاڻ سمورو مضمون ڪتاب جي صورت ۾ پڙهندڙن
جي پيش ڪريان ٿو ته ڪلهوڙن جي صاحبيءَ تائين
ٿر ۾ راڻن جو راڄ هو ۽ سنڌين گادي نالي ماترا ڄ تائين

هلي پيئي اچي.
سوڍن جي صاحبيءَ جو بيان ڪو تواريخ نويس بروقت لکي ها ته اها تواريخ وڌيڪ معتبر ليکجي ها، هاڻ به جنهن صورت ۾ منهنجون هٿ ڪيل حقيقتون ڪرنل ٽاڊ جي راستان جي بيان ۽ ڪئپٽن ريڪس جي ٿر جي ذڪر ۽ سنڌ گزيٽيئر سان ڪيتري قدر ملي ٿيون اچن تنهن صورت ۾ مون کي ايئن وسهڻ لاءِ سبب آهي ته پيون ڳالهيون جي مون سوڍن جي دستخط ڪتابن مان ڪڍي هن ڪتاب ۾ چاڙهايون آهن ۽ ٻئي ڪنهن به ڪتاب ۾ ڪينهن سي به سچيون آهن چاڪاڻ جو انهن لاءِ ڪجهه ثابتي شاهه جي رسالي ۽ چارڻن جي راڳن مان ملي ٿي. ڪنهن به حالت ۾ هي ڪتاب عام خلق جي وندر ۽ سنڌ جي آڳاٽي تواريخ جي کوجنا ڪندڙن لاءِ اميد ته گهڻو ڪمائتو ٿيندو.

ٻوبڪ — پيرو مل مهرچند

١٢ جون ١٩٢٤ع

# سوڍن جي صاحبي يا
# راڻن جو راڄ

## راجپوتن جو اصل نسل

راجپوتن جي جنم جي ڪهاڻي هڪ عجيب آکاڻي آهي. وشنو ڀڳوان جو ڇهون اوتار پرسرام هو جو جمند گنيءَ جو پٽ هو. هڪ لڳا ڪرت ويريہ نالي هڪ راجا جمندگني وٽ هڪ ڳئو ڏٺي جا ڪامڌين هئي. ڪامڌين معنيٰ اها ڳئون جنهن وٽان ڪامنائون پوريون ٿين يعني جنهن کان جيڪي گهرجي سو ملي ملي. هيءَ عجيب ڳئوءَ تي راجا جي سياويڪ طرح دل ٿي. هن جمندگنيءَ کان ڳئو گهري پر هن نہ ڏنيس تنهن تي راجا اها ڳئو زبردستيءَ ڪاراهي هليو ويو. ان وقت پرسرام گهر ۾ حاضر نہ هو پر پوءِ جڏهن هن ڳالهہ جي سڌ پيس تڏهن تپي لوهہ ٿي ويو ۽ بنا دير راجا کي ماري ڳئو آڻي پنهنجي پيءُ کي ڏنائين. راجا جي پٽن پنهنجي پيءُ جي وير وٺڻ لاءِ جمندگنيءَ

جي آشرم تي ڪاهه ڪئي. ان وقت پرسرام ڪيڏانهن ٻاهر ويو هو ۽ جمدگني گهر ۾ اڪيلو ويٺو هو. راجڪمار هن کي اڪيلو ڏسي سولائي سان کهي هليا ويا. پرسرام پوءِ جڏهن پنهنجي آشرم ۾ اچي ڏٺو ته هي وڏل وهي ويو آهي تڏهن سڄي ڳالهه پاڻ مرادو سمجهي ويو. هن پوءِ پرڻ ڪيو ته اهي راجڪمار ته پورا ڪندس پر ڪوبه ڪتري ٻچو جيئرو نه ڇڏيندس. هي سڄي ڳالهه پراڻن ۾ به ڏنل آهي جن ۾ ائين چاڙهايل آهي ته پرسرام جملي ايڪيهه دفعا ڪترين جو ڪل ناس ڪيو هو.

آڳاٽن ڪترين جو ڌرم هو برهمڻ ۽ ٻين ورنن جي رکيا ڪرڻ. ڪتري ناس ٿي ويا ته برهمڻن ۽ ٻين جي رکيا ڪري ڪير؟ اتي خود برهمڻ اچي آنا ٿيا چاڪاڻ جو ان وقت هندستان ۾ دئت، اسسر ۽ دانو گهڻا هئا جي عالمن جي چوڻ موجب ستين لوڪن مان هئا. اهي برهمڻن کي مڃيندا ته ڪين هئا پر هنن کي پاڻ آزاريندا هئا. ڪتري انهي ڪري برهمڻن جو وڏو بچاءُ هئا پر هاڻ ته اهڙو ڪو ڪتري ٻچو هو ئي ڪونه جو هنن دئتن جو ٽڪ مان ور لاهي.

انهي سمي ۾ ڪيترا رشي ۽ مني ابو ٻهاڙ تي رهندا هئا. برهمڻن کي تڪليف ۾ ڏسي وسشٽ مني ابو ٻهاڙ ڏي رشين ۽ منين سان صلاح ڪرڻ ويو ته هاڻ برهمڻن جي بچاءُ لاءِ ڪهڙو اپاءُ ڪجي. آخر سڀني

پاڻ ۾ صلاح ڪري برهما، وشنو، ردر (شو) ۽ اندر ديوتا کي وينتي ڪئي تہ توهين ڪي کتري پيدا ڪريو جي دئتن کي ناس ڪري برهمڻن جو بچاءُ ڪن رشين پوءِ ابو پهاڙ (جي ڏکڻ الهندي ڪنڊ ڏي) ويا جي اگني دکائي اندر ديوتا کي چيو تہ اول توهين ڪو کتري اپايو. رشين جو چوڻ مڃي اندر ديوتا ڀين جو هڪ پتلو ٺاهي ان تي امرت ڇٽڪاري پوءِ اهو پتلو اگني ڪنڊ ۾ اڇليو ۽ پوءِ سنجيون منتر (جيئارڻ جو منتر) اچاريائين تہ ڏسو ڪرتار جي قدرت جو ازغيبي اگنيءَ مان هڪ برش ٻاهر نڪري آيو جنهن کي ساڄي هٿ ۾ گدا (لٺ) هئي. هو اگنيءَ مان نڪرڻ وقت چوندو آيو تہ مار! مار! انهيءَ سبب هن تي "پرمار" (١) نالو پيو.

رشين ۽ منين جي چوڻ تي برهما پوءِ پيو هڪ پتلو ٺاهي ويا جي اگنيءَ ۾ وجهي منتر اچاريو تہ اگني ڪنڊ مان پيو هڪ جوان پيدا ٿيو جنهن کي هٿ ۾ تلوار ۽ ٻئي هٿ ۾ ويد هئا. انهيءَ جوڌي تي "چلونڪي" نالو پيو ڇاڪاڻ تہ هو برهما جي "چلو"

---

(١) "پرمار" لفظ جي معنيٰ آءٌ جيڪر چوان تہ آهي "پراون يا ٿارين کي مارينڌڙ" مگر ڪرنل ٽاڊ جي لکڻ موجب "پرمار" معنيٰ آهي پهريون مارينڌڙ يا ڌڪ هڻندڙ

يعني هٿ جـي ترِيءَ مـان پيدا ٿيو هـو يعني برهما
ڦهريائين جڏهن پنهنجي هٿ جي ترِيءَ تي پتلو ٺاهيو
تڏهن هي پيدا ٿيو تنهنڪري اهو نالو مليس. ”چلونڪي“
لفظ جـو اچار پوءِ ڦري ”سلونڪي“ (سؤ لنڪي)
ٿيو آهي.

شو ڀڳوان پوءِ اگني ڪنڊ مان هڪ ڪاري شڪل
وارو جوان پيدا ڪيو انهي جوان کي لڙائي جو گهڻو
فن ياد نہ هو مگر پهريداريءَ لاءِ پختو هو تنهنڪري
هن کي دربان يا پهريدار مقرر ڪيائون ۽ انهيءَ سبب
هن تي ”پرٿوي دوار“ نالو پيو. پرٿوي معنيٰ ڌرتي ۽
دوار معنيٰ دروازو. هو گويا پرٿويءَ جي دروازي جو
دربان هو تنهنڪري اهو نالو مليس. ”پرٿوي دوار“ لفظ
جو اچار ڦهريائين ڦري ”پرٿهيار“ ٿيو ۽ هاڻ عام طرح
”پرهيار“ چئبو آهي.

وشنو ڀڳوان پوءِ اگني ڪنڊ مان پاڻ جهڙو هڪ
چتر ڀڄ (چئن ڀڄائن يا ٻانهن وارو) جوان پيدا ڪيو
۽ انتي نالو پيو ”چترنگ“. سنسڪرت ۾ ”چتر“ معنيٰ
چار ۽ انگ معنيٰ بت. چترنگ معنيٰ چئن بتن وارو.
حقيقتا بت چار ڪين هئس پر ٻانهون چار هيس تنهنڪري
اهو نالو پيس. ”چترنگ“ لفظ جو اچار پوءِ ڦري چوهاڻ
(چهاڻ) ٿـيـو. هاڪارو راجـا پـرٿيراج چهاڻ راجپوتن
مان هو.

انـدر مهراج پوءِ پنهنجي پٺيءَ جي- ڪنڊي مـان

هڪ جوان پيدا ڪيو ۽ ان تي ”رانوڙ“ نالو پيو. رانوڙ معنيٰ رهٽ يعني پنيءَ جي ڪنڊي مان پيدا ٿيل. اهڙي طرح ديوتائن جي ڪرپا سان راجپوتن جي قوم پيدا ٿي.

اهي ابو پهاڙ تي اگني ڪنڊ مان پيدا ٿيا تنهنڪري انهن کي ”اگني ڪل“ يعني اگني يا باهه جي ڪٽنب وارا به چئبو آهي. اها اگني ڪنڊ جنهن مان راجپوت پيدا ٿيل چوڻ ۾ اچن ٿا سا اڄ تائين ابو پهاڙ تي قائم آهي ۽ راجپوتن لاءِ اها وڏو تيرٿ جو آستان آهي. ابو پهاڙ تي اچلي سر مهاديو جي مندر ۾ هڪ ليک لکيل آهي جنهن ۾ چاڻايل آهي ته پرمار دونهين مان پيدا ٿيو هو ۽ شترو ماريا هوائين. مطلب ته راجپوتن جي جنم جي ڪهاڻي هڪ ڏند ڪٿا آهي جا پراڻن ۾ ڏنل آهي ۽ ڪرنل ٽاڊ به اهائي ڏني آهي چاڪاڻ ته سڄي هندستان جا راجپوت اها ڳالهه سچي ڪري مڃين ٿا.

پرمار راجپوتن جي پيڙهي.

پرمار راجپوت جو اندر ديوتا جي ڪرپا سان اگني ڪنڊ مان پيدا ٿيو تنهن دانون ۽ اسرن (ستين لوڪن) کي ماري برهمڻ جو بچاءُ ڪيو ۽ هن پوءِ نه رڳو ابو پهاڙ ۽ ان جي آس پاس وارن ملڪن تي حڪومت

ڪئي، پر هو سڄي ڀارت کنڊ (۱) جو راجا ٿيو جنهنڪري هن جا پويان "راجپوت" يعني راجا جا پٽ سڏجڻ لڳا. پرمار ڪانسواءِ ٻيا جوان جي اگني ڪنڊ مان پيدا ٿيا تن به راڄ ڪيو مثلاً پرهيار راجپوتن مارواڙ پاسي پنهنجو راڄ استاپن ڪيو. اهڙي طرح اگني ڪنڊ مان جيڪي جوڙا پيدا ٿيا تن سڀني راڄ ڪيو تنهنڪري سڀني جي اولاد تي "راجپوت" نالو پيو ۽ پوءِ هرڪو پنهنجي وڏي ڏاڏي جي نالي پٺيان پرمار راجپوت، چهاڻ راجپوت وغيره سڏائڻ لڳو. پرمار راجپوتن جون ڪل پنجٽيهه شاخون سڄي سندستان ۾ آهن ۽ انهن مان جن راجائي ڪمائي سي اڄ تائين "ذڪر" سڏجن ٿا باقي سندن ٻيا ڀائر رڳو پرمار راجپوت ڪوٺجن ٿا جي هن وقت ٿر ۾ گهڻي ڏي آهن.

پرمار ۽ هن کان پوءِ جيڪي ست پيڙهيون ٿيون تن ابو پهاڙ ڏي راڄ ڪيو مگر پوءِ سندن ائين پيڙهيءَ راجا چندر سين پيدا ٿيو جنهن پنهنجي گاديءَ جو هنڌ ابو پهاڙ مان ڦيرائي مالوا طرف ڌارا ننگر ۾ ڪيو.

---

(۱) اڄ ڪالهه سڄي هندستان کي ڀارت کنڊ سڏجي ٿو مگر حقيقت ڪري "هندستان" ۽ "ڀارت کنڊ" رڳو هاڻوڪي اتر هندستان کي چئبو آهي جو پنجاب جي اتر کان وٺي هيٺ ونڌيا جبل تائين آهي. اهو ئي اصلوڪو "آريه ورت" يعني آرين جو ديس آهي.

راجا چندر سين کان پوء چوٿين پيڙهيءَ راجا ڀيمڪ ٿيو جنهن جي نياڻي رڪمڻيءَ جو وهانءُ سري ڪرشن سان ٿيو هو. هي مهاڀارت واري زماني جي ڳالهه آهي جنهن کي اٽڪل پنج هزار ورهيه ٿي ويا آهن. انهي زماني ۾ سنڌ جو راجاڄڏرٿ هو جو پڻ راجپوت هو ۽ دهليءَ جي راجا ڌرتراشٽر (ڪورون جي پيءُ) جي نياڻي پرڻيو هو ۽ مهاڀارت جي لڙائي ۾ ارجن جي هٿان مئو هئو.

راجا ڀيمڪ کان پوء ائينءَ پيڙهيءَ جيڪو راجا ٿيو تنهن پنهنجي گاديءَ جو هنڌ ڌارا ننگر مان ڦيري اجين ڪيو ۽ هن کان پوء ڏهين پيڙهيءَ راجا ڀرتري ۽ راجا وڪر ماجيت پيدا ٿيا.

راجا وڪر ماجيت ۽ سندن پوين سورهن پيڙهين اجين ۾ راج ڪيو مگر پوء راڄڌاني ڦيرائي ٻار مير جي نزديڪ جهونو گڏه ۾ ڪيائون. جهوناڳڙهه جو شهر پيو آهي، ۽ هي جهونو گڏه پيو آهي جو هاڻ ڦٽو پيو آهي. ٿورن سالن کان پوء هنن جهونو گڏه کان ٽي چار ڪوهه پري ڪيراڙ نالي شهر پنهنجو تخت گاهه ڪيو. اهي راجپوت اڳي جڏهن اجين ۾ هئا تڏهن مها راجا ۽ راجا سڏبا هئا مگر ڪيرارو ۾ اچڻ کان پوء هو "راءِ" سڏجڻ لڳا.

جوڌپور رياست ۾ شو ۽ ڪوٽڙو ٻه شهر هڪ ٻئي سان لاڳيتا آهن تنهنڪري ٻنهي کي گڏي "شو ڪوٽڙو"

ڇڏيو آهي جيئن ڪنڊياري تعلقي ۾ هالاڻي ۽ پيلاڻي
به جدا شهر آهن پر انهن کي گڏي پيلاڻي
ڇڏيو هو.

راجپوتن پنهنجي راڄڌاني ڪيراروءَ مان ڦيرائي شو
ڪوٽڙي ۾ ڪئي ۽ اتي تنهن وقت راجپوتن مان چار
راءُ نالي راجا هو جنهن کي ٻه پٽ ۽ ٽين نياڻي هئي.
چار راءُ جي وڏي پٽ جو نالو سوڍو ۽ ننڍي پٽ
جو نالو سانڪلو هو. سانڪلن جو اولاد سان انڪلا رجپوت
سڏجن ٿا جي جوڌپور ۽ بيڪانير پاسي گهڻا آهن مگر
ٿرپارڪر ضلعي ۾ سوڍا راجپوت گهڻا آهن ۽ اهي پنهنجي
وڏي ڏاڏي "پرمار" جو نالو گڏي پاڻ کي "پرمار سوڍا
راجپوت" سڏائيندا آهن.

## سوڍن جو سنڌ ۾ اچڻ:

راجا چار راءُ جو مريي پٽ سوڍو جنهن جي نالي
پٺيان ٿر جا سوڍا راجپوت سڏجن ٿا سو دل جو دلير
۽ جنگي جوان هو.

هن کي دل ۾ آيو ته مڙسان مڙسيءَ سنڌ ۾ گهڙي
پئجي ۽ اتي آهستي آهستي پنهنجو راڄ قائم ڪجي.
اهڙي منشا من ۾ ڌاري هو سنبت ١١٨١ ۾ راجپوتن
جو وڏو ڪٽڪ ساڻ ڪري سنڌ ۾ آيو ۽ ڀهريون ڏي
ڀهريون شهر جو هن هٿ ڪيو سو رتو ڪوٽ هو.
رتو نالي هڪ مغل تي گذريو آهي تنهن ٿرپارڪر

ضلعي جي کپري تعلقي ۾ کپري جي شهر کان ڇهه کوهه کن پري هڪ ڪوٽ اڏيو هو. اهو ڪوٽ هاڻ ڊٺو پيو آهي مگر رتو ڪوٽ نالو اڄ تائين قائم آهي. سوڍي جو پٽ پوڙورتي ڪوٽ ۾ رهيا ۽ هتي اچڻ کان پوءِ هو "راڻا" سڏجڻ لڳا. کپري تعلقي ۾ اڄ تائين ڳوٺ راڻاڻو آهي. اتي ڪيترا آڳاتا راڻا گهر ڪري ويٺا هئا تنهنڪري ڳوٺ تي اهو نالو پيو.

کپري تعلقي ۾ اڄ تائين ڪي پٽ آهن جن کي "راڻن جا پٽ" ڪري سڏيندا آهن ڇاڪاڻ جو ڪن آڳاٽن راڻن اوائل ۾ اهي پٽ وسايا هئا ۽ اها سموري حد رتي ڪوٽ وارن راڻن جي هئي.

راڻي سوڍي کپري جو هي پاسو اچي هٿ ڪيو ته راڻوڙن کي به دل ۾ آيو ته اسين به ڇو نه سنڌ تي ڪاهه ڪري ڪجهه پاڳو هٿ ڪريون. سنڌ ۾ انهيءَ وقت سومرن جي صاحبي هئي پر هو راجپوتن ۽ راڻوڙن سان پڇي ڪين ٿي سگهيا. راڻوڙن ڪم اهڙو ڪيو جو راجپوتن جيڪو رتي ڪوٽ وارو پاسو هٿ ڪيو سو ڇڏي باقي کپري تعلقي جو رهيل پاڳو پنهنجي قبضي ڪيائون ۽ پوءِ پنهنجي حد وڌائي عمر ڪوٽ جي اتر طرف ڇوڙ شنيشڻ جي پريان ڪيائون ۽ پوءِ اڳيرو وڌي گڏڙو ۽ ان جي آس پاس وارو ڪيترو ملڪ هٿ ڪري جوڌپور جي رياست جي ڪجهه پاڳي تائين وڃي پهتا. انهي سموري حد کي اڄ تائين "ڪاڏر"

سڏيندا آهن. ڪاٺر هٿ ڪرڻ ڪري هو ”ڪاٺر يا رانوڙ“ سڏجڻ لڳا. ”ڪاٺر جو نالو شاهه جي رسالي جي سر مارئي ۾ ڪيترن هنڌ ڪم آيل آهي. ڪاٺر ۾ ڪتا، لويون ۽ ڪمريون اڄ تائين ٺهن ٿيون. شاهه لطيف کي ڪاٺر جون ٺهيل ڪتيون شايد گهڻو پسند آيون هيون جو انهن جي مارئي جي بيتن ۾ هن طرح ساراهه ڪئي اٿس:

ڪاٺر ڪتيون خاصيون آڇي ٿُت اچن
ڪڏيو پيڻ ڪهن، ملير گهرجي مارئي.

ڪاٺر ۾ جن رانوڙن راڄ ڪيو تن مان هڪ هاڪارو راجا رنمل هو، جنهن جو نالو شاهه جي رسالي جي سر ڍول مارئي جي هيٺين ٽڪ ۾ چاڙهايل آهي:

”ڍوليو نر ور سيريئن راجا رنمل رليو“

ڪاٺر ۾ رانوڙن ڪيترا سال راڄ ڪيو سا حقيقت ملي نٿي سگهي مگر ايترو سڀيئي چون ٿا ته رانوڙن کان ڪاٺر جو ملڪ پوءِ راٺن کسيو. انهي هندڪي حڪومت جو اثر اڄ تائين ڪاٺر ۾ پڌرو آهي. سنڌ ۾ پين هنڌ هندن ۽ مسلمانن کي سندن پوشاڪ مان پرياڻ ڏي سڃاڻي سگهبو آهي مگر ڪاٺر ۾ اڏين پوشاڪ مان سڃاڻڻ مشڪل آهي ڇاڪاڻ جو اتي مسلمان به هندن جهڙي پوشاڪ ڪن ٿا.

مسلمان مردن کي ڏسو تہ انگرکا پيا آهن ۽ سنڌن زالن ۽ ٻارن جي پوشاڪ بہ مارواڙين ۽ ڪڇين جهڙي آهي.

## عمر ڪوٽ واري لڙائي

عمر ڪوٽ جي راڻن وٽ جيڪي دستخط احوال آهن تن مان معلوم ٿو ٿئي تہ راڻو سوڍو جنهن پهريائين رتو ڪوٽ هٿ ڪيو تنهن جو پوڙو راڻو رائڌيوجي هو جو نهايت جريت ڀريو جوان هو. هن جوان کي دل ۾ آيو تہ رڳو رتوڪوٽ ۽ ان جو آس پاس وارو ملڪ وٺي نہ ويهجي پر سڄو ٿرپارڪر پنهنجي قبضي ڪجي.

سنڌ جي حاڪمن سومرن جي هنن ٻوٽي ڪڇي ڇڏي هئي ۽ پنهنجي مڙسيءَ جو ٻانور بہ جهڄو هون تنهن هوندي بہ هنن کي جوڳيا بندوبست ڪيا.

راجپوتن وٽ جنق نالي هڪ چارڻ هو تنهن کي کي ماڻهو ساڻ ڏنائون جي چمڙا پوش ڪري جاچ ڪري آيا تہ ڪهڙي وات تان لشڪر وٺي وڃجي ۽ ڪهڙو هنڌ سٺاڻو ٿيندو جتي ٻيهي سومرن کي سامهون ٿجي. جڏهن سموريون رٿون ٺاهي راس ڪيائون تڏهن ساڻ سوڻ ڳنڊي هي وڏو ڪٽڪ سنبرائي نڪتا ۽ عمر ڪوٽ ۾ اچي سومرن کي سامهون ٿيا. اها لڙائي

سنبت ١١٨٢* جي ويساکہ مهيني جي سهائي ساتم تي عمرڪوٽ ۾ لڙائي لڳي جنهن ۾ سوا سو ڪن سومرا مارجي ويا ۽ عمرڪوٽ جو شهر راڻن جي هٿ ۾ آيو.

ترہ ۾ پڇائڻ ڪندي ائين معلوم ٿئي ٿو تہ عمرڪوٽ جي شهر کي اصل "همروٽ" ڪري سڏيندا هئا ۽ تن ڏينهن ۾ عمر سومرو اڃا ڄائو بہ ڪونہ هو. انهيءَ آڳاٽي وقت ۾ شهر ۾ هڪ ڪچو قلعو هو جو سوڍن جي لڙائي وقت سومرن جي هٿ ۾ هو ۽ حاڪمن جا ديرا انهي قلعي اندر رهندا هئا. سوڍن جڏهن اهو ڪچو قلعو هٿ ڪيو تڏهن هنن هي مسلمانڪو مڪان جڻن جو ٿڻن ڪتب آڻن واجب نہ سمجهي اول انکي گنگا جل سان ليپو ڏياريو ۽ پوءِ قلعي واري جاءِ کي وڏيڪ پوتر ڪرڻ جي ارادي سان ان ۾ هون ڪراياڙون. اها ڳالهہ ترہ جا چارڻ راڳن ۾ ڳائي ٻڌائيندا آهن. انهن راڳن ۾ هون جو ذڪر ڪندي شاعر چيو آهي تہ سوڍن جيڪو هون ڪيو تنهن ۾ ايترو گيهہ ڪتب آندائون جو گيهہ ڪوٽ کان ٻاهر ريلا ٿي وهڻ لڳو. انهن راڳن مان بہ ٽڪون هيٺ ڏجن ٿيون جي ڍاٽڪي ٻوليءَ ۾ آهن تنهن ڪري انهن جو ارٿ بہ ڏجي ٿو:-

---

* سند گريٽيئر موجب عمرڪوٽ واري لڙائي سنہ ١٢٢٦ع ۾ لڳي.

چڙيئل چانچه نه پري آڱڻ آڏ ٿارا ٿئي
جهاجهو ڳيه ڪڙي، محل تميٽي مينڌرا.

ارٿ:- جهڙڪي ڇهنگ نه پري، اي شوم (سومرا) تنهن جي اڱڻ ۾، باقي اي مينڌرا تنهن جي محل ۾ جهجهو ڳيهه ريلا ڪري وهي ٿو. اهڙي طرح هون هوم ڪري سوڍا عمرڪوٽ واري قلعي ۾ ويٺا ۽ عمرڪوٽ جي شهر ۾ پنهن جي حڪومت ڇماياڏون.

آڳاٽن راجائن وٽ شعر جو قدر گهڻو هوندو هو ۽ اڄ به جوڌپور، بيڪانير ۽ ٻين ڪن ڏيهي رياستن ۾ راجائن جي درٻارين ۾ ڪوي ۽ راڳيندڙ موجود آهن. سوڍن راجپوتن وٽ به ڪي ڪوي ۽ راڳيندڙ هئا جن کي وقت بوقت هو چڱا انعام ڏيندا هئا. عمرڪوٽ جي راڻن وٽ جنق نالي چارڻ هو: جنهن بابت مٿي چاڙايو ويو آهي ته هو عمرڪوٽ واري لڙائي کان اڳ رستا جاچي آيو هو ته ڪٿان لشڪر لنگهائجي ۽ ڪٿي بيهي لڙائي ڪجي. عمرڪوٽ واري لڙائي کٽڻ کانپوءِ راڻن انهي جنق چارڻ جو چڱو قدر ڪيو. هن وقت عمرڪوٽ کان ٻه ڪوهه پري ڇوڙ اسٽيشن واري رستي ي ڪاروڙو نالي ڳوٺ آهي سو راڻي راڌڊيو جي پٽ راڻي جيءَ برهم انهي جنق چارڻ کي امداد ڪيو ۽ ڪيتريون ڳايون ۽ مينهون به ڏنائينس. اهو ڪاروڙي جو جو ڳوٺ اڳي تمام وڏو هو ۽ منجهس آبادي جهجهي هئي. هن وقت ڪاروڙي ۾ جيڪي ٿورا چارڻ رهن ٿا

سي انهي جنق چارڻ جو اولاد آهن ۽ عمرڪوٽ جي راڻن سان اج تائين رستو اٿن.

## سوڍن جو ٿر ۾ زور وٺڻ.

عمرڪوٽ هٿ ڪرڻ ڪانپوءِ سوڍن جي دل وڌي ۽ هو ٿر جي ٻين ڀاڱن هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رهيا جنهن ۾ آخر هو فتح مند ٿيا. هن وقت جيڪو نارو ٻويزن آهي سو سمورو سوڍن هٿ ڪيو ۽ سومرن کي هڪالي ايترو پري ڪيائون جو رڳو پراڻ جو الهندو پاسو سومرن جي تابع هو، باقي ٻيو سمورو ملڪ ٿر طرف سوڍا پنهن جي قبضي ڪري ويٺا. مٺي تعلقي جو ٿورڙو ڀاڱو ۽ ڏيپلي تعلقي جو ڪجھ ڀاڱو تن کي گڏي اج تائين "سامروٽي" چوندا آهن. سوڍن رڳو اهو سامروٽي جو پاسو ڇڏيو، جنهن ڪري ڏيپلي طرف سوڍا راجپوت بلڪل ٿورا آهن. باقي ٻيو سمورو ٿر سوڍن هٿ ڪيو. تنهن ڪري اج تائين سوڍا اتي گھڻا آهن. سومرن ۾ تيرهون حاڪم چنيسر هو جو سنه ١٣٠٠ع ۾ مٺو ۽ ارڙهن ورهيه حڪومت ڪيائين. چنيسر جي گاديءَ جو هنڌ ڏيپلي تعلقي جي ڳوٺ رحمڪي بازار جي پريان وڳهيه ڪوٽ ۾ هو. اهو ڪڇ جي رڻ جو پاسو آهي ۽ چنيسر جي ڪوٽ جو ويرانو اج تائين اتي ظاهر بيٺو آهي ۽ اتان بعضي بعضي آڳاٽي زماني جا سڪا ليندا آهن. مطلب ته سومرن کي ڪڇ جي

رڻ ڏانهن هٿائي سوڍا پنهن جي حڪومت وڌائڻ لڳا ۽ پوءِ ڪاٺر جي راٺوڙن کي هڪالي سڄو ٿر پنهن جي قبضي ۾ ڪيائون.

## حڪومت جو ورهاڱو

راٺو راڻديو جي جنهن سنہ ١٢٢٦ع ۾ عمرڪوٽ جو شهر هٿ ڪيو، تنهن جون چار پيڙهيون عمرڪوٽ ۾ رهيون. مگر پوءِ پنجين پيڙهي راٺو درجن سنگهه ۽ راٺو آسراءِ ٿيا، تن ڀاڳا ورهيا. راٺو درجن سنگهه وڏو پٽ هو، سو عمرڪوٽ ۾ رهيو ۽ ننڍو پٽ آسراءِ سنگهه ننگر پارڪر ڏي ويو ۽ ننگر پارڪر شهر ۾ هڪ تلاءُ وٽ جايون جوڙائي وڃي رهيو جنهن ڪري اهو تلاءُ اڄ تائين راڻن جي نالي پٺيان "راڻا سر" سڏجي ٿو. انهي ورهاڱي وقت مٺي ۽ ڇاڇرو تعلقا بہ راڻن جي هٿ ۾ هئا ۽ حڪومت جي انتظام رکڻ لاءِ اتي هنن پنهن جا صوبا مقرر ڪيا، جي وقت بوقت عمرڪوٽ ۾ اچي گادي نشين راڻي جو سلام پريندا هئا ۽ گهرج مهل مدد ڪندا هئا.

ڇاڇري پاسي جيڪي راجپوت صوبا ٿي ويا تن ۾ مکيہ ماڻهو ڇاڇرو نالي هڪ راجپوت هو، تنهن اهو شهر ٻڌايو. تنهن ڪري سندس نالو شهر تي پيو ۽ سندس سموري حد (ڇاڇرو تعلقو) کي اڄ تائين "ڇاڇراڻي" چوندا آهن. ڇاڇري ڪان ٻارهن ڪوهہ پري ساڳي تعلقي

اندر چيلهار جو شهر آهي سو ”چيلو“ نالي راجپوت
ٻڌايو هو. اهو شهر جنهن وقت ٻڌو تـي تنهن وقت
عمر ڪوٽ ۾ سوڍو ڪلجي گادي نشين هو.

ڪلجيءَ کي عام طرح ”ڪلو“ سڏيندا آهن.
اهڙي طرح سوڍا راجپوت هوڏانهن عمر ڪوٽ هوڏانهن
سڄو ٿر وسائي ويٺا باقي سامروٽي ۽ رحمڪي بازار ڏي
سومرن جي تخت گاهه ڏانهن ڪين ويا.

سوڍا انهي پاسي ڇو ڪين ويا اهڙي خبر ڪو
ٻڌائي نٿو سگهي پر ائين پيو ڀانئجي ته سومرن سان
اهڙو ڪو عهد نامو ٿيل هون. هي رڳو انومان آهي.

مٿي تعلقي جو ڪڇ ڀاڱو ۽ ننگر پارڪر جو ٿورو
ڀاڱو جو ڪڇ جي رڻ جـي وٽ (ڪناري) سان آهي
تنهن کي اصل ”پاڻر“ ڪري سڏيندا هئا. ڪپري ۽
عمرڪوٽ تعلقن جـو اتر وارو ڀاڱو جـو گبڙي وڏان
لنگهي جوڌپور رياست سان وڃي ٿو گڏجي، تنهن کي
اڳي ”ڪاڻر“ سڏيندا هئا جيئن مٿي اڳـي ئـي ڄاڻايو
ويو آهي، ٿر جو باقي رهيل ڀاڱو جو پاڻر ۽ ڪاڻر جي
وچ ۾ آهـي تنهن کي اصل ”ڍٽ“ سڏيندا هئا. اهو
سمورو ڍٽ جو پاسو عمر ڪوٽ جي راڻن جي هٿ ۾
هـو ۽ عمر ڪوٽ سندن گاديءَ جو هنڌ هو. حقيقت
ڪري ”عمر ڪوٽ“ نالو پوءِ جو پيل آهي، مٿي اڳيئي
چيو ويو آهي تـه عمر ڪوٽ کي اصل ”حمروٽ“
سڏيندا هئا.

عمر ڪوٽ جا راڻا توڙي ٿر جا ٻيا ڪيترا ماڻهو چون ٿا ته سوڍن مان هڪ سوڍو راڻو امرسنگھ ٿي گذريو آهي تنهنجي نالي پٺيان هي شهر پوءِ ”امرڪوٽ“ سڏجڻ لڳو.

راڻو امرسنگھ عمر سومري کان گهڻو اڳ ٿي گذريو آهي ۽ پوءِ جڏهن عمر سومري جي بادشاهي ٿي تڏهن ”امر ڪوٽ“ جي بدران هي شهر سندس نالي پٺيان ”عمرڪوٽ“ سڏجڻ لڳو پر اڄ تائين ڪيترا ماڻهو ”امر ڪوٽ“ چوندا آهن.

عمر ڪوٽ ۾ هن وقت جيڪو قلعو آهي سو پاڻ ساک پيو ڀري ته اهو اصل راڻن جو جوڙايل آهي ۽ نه سومرن جو. اها ڳالهه هن مان ثابت آهي جو عمر ڪوٽ جي قلعي جو جتان لنگهه آهي اتي پٿرين تي ڪيترا اکر پٿر تي اڪريل آهن جي جيتوڻيڪ سمجهڻ ۾ نٿا اچن تڏهن به ايترو ظاهر آهي ته ان ۾ جيڪي لا ڪناڻون ۽ اکر ڪم آيل آهن سي سڀ ديوناگري نموني آهن جنهنڪري پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته اهي اکر هندن جا اڪرايل آهن ۽ نه مسلمانن جا.

## سوڍن جو زورڀلاڻ

ٿر جا سوڍا سومرن کان ڏاڍا هئا تنهنڪري هنن کي ليکيندا به ڪين هئا ۽ سڄو دهليءَ جي بادشاهه

کي ڏن پريندا هئا.

سومرن جو سترهون حاڪم عمر هو جنهن پنجٽيهه ورهين جي راج ڪرڻ بعد سنه ۱۳۹۰ع ۾ وفات ڪئي هن حاڪم بابت جيڪو احوال موجود آهي تنهن مان ظاهر آهي ته عمرڪوٽ جو قلعو هن موٽي سوڍن کان هٿ ڪيو هو. اها پڪ آهي ته سوڍن مٿي ماراڙي کان سواء اهو قلعو پنهنجي هٿان نه ڇڏيو هوندو، پر سوڍن ۽ عمر سومري جي لڙائي جو احوال موجود نه آهي. تنهنڪري ڪجهه چئي نٿو سگهجي. باقي ايترو سمجهجي ٿو ته سوڍن جو زور ان وقت ٽٽل هو تڏهن عمر سومري کانئن قلعو کسيو ۽ ملارئي کي ملير مان آڻي اتي قيد ڪيائين. جنهن وڻ هيٺان مارئي کي آڻي وهاريو هئائين تنهن وڻ جي ٿڙ جو وڏو ٽڪر اڄ تائين عمرڪوٽ جي قلعي ۾ پيو آهي.

عمر ڪوٽ پاسي ڪنهن کي تپ ٿاڻ ٿيندو آهي ته انهي وڻ مان ڇوڏي ٽڪر پيجي اهو بيمار کي گهي پياريندا آهن جو هو سمجهن ٿا ته هن ستياڻيءَ جي ست ڪري هي وڻ به ڪلاوارو آهي ۽ ماڻهن جا ڪشٽ ڪٽي سگهي ٿو.

سومرن جو پوين يا اڻويهون حاڪم همير سومرو ۽ راڻو ميندرو جو عمر ڪوٽ جي هاٺوڪن راڻن جو وڏو ڏاڏو هو سو سندس وزير هو. هي اهو ساڳيو راڻو ميندرو هو جنهن مومل ماڻي هئي مومل کان جڏهن

راڻو رسي آيو هو، تڏهن مومل سنڌس پٽيان عمرڪوٽ ۾ آئي هئي ۽ شهر جي ٻاهران پنهن جي جاءِ جوڙائي اچي رهي هئي. انهي جاءِ کي عام طرح ”مومل جي ماڙي“ چوندا آهن، جا عمرڪوٽ کان ڪوهه ڪن پري آهي. سنه ۱۹۱۰ع ۾ اها ماڙي گهڻي قدر قائم بيٺي هئي، مگر ۱۹۲۳ع ۾ وري وڃي ڏٺم ته ايتري قدر زبون ٿي پيئي هئي جو سرون به پري اٿو ٿي ويون هيون. راڻي جو به ”پڙو“ اعڙيئي حال ۾ آهي.”پڙو“ معنيٰ ڊنل قلعي جو نشان. راڻي جو پڙو عمرڪوٽ تعلقي ۾ صوفي فقير جي ڳوٺ کان سڏ پنڌ پري آهي. چون ٿا ته انهي راڻي جي قلعي مان بيهي عمر ڪوٽ طرف نهاريو ويندو هو ته مومل جي ماڙي چٽي ڏسڻ ۾ ايندي هئي.

اها تواريخي ڳالهه آهي ته مومل راڻي جي وقت۾ عمرڪوٽ وارو قلعو سومرن جي هٿ ۾ هو. جنهن جي معنيٰ ته عمر سومري کان وٺي همير سومري جي راڄ تائين سوڍن جو زور ٽٽل هو.

## ڪانگ کي لڙ ۾ مزو.

سومرن جو پويون حاڪم همير پنهن جي وزير راڻي مينڌري جي زال مومل تي عاشق هو، ۽ راڻي کي عمرڪوٽ جي اندر ڪوهه ۾ ڪجهه وقت قيد ۾ رکيو هوائين. انهيءَ ڳالهه تان عمرڪوٽ جا سوڍا اچي مٺيا

۽ وري پنهنجو اڳيون زور ڏيکارڻ لڳا. رعيتي ماڻهو
به سومرن مان ڪڪ هئا، جو هنن جي شراب خوري
۽ حرام ۽ ٻي بد هلت ماڻهن جون دليون ڪٽيون
ڪري ڇڏيون هيون. خود ڪيترا مسلمان جهڙوڪ
سما هنن سومرن حاڪمن مان بيزار ٿي پيا. سومرن
جي بد هلت ڪري سمن وڏو فساد ڪيو ۽ سلطان
علاوالدين جي مدد گهرايائون. سلطان پنهنجو لشڪر
سنڌ ۾ موڪليو ته سومرن پنهن جون زالون ۽ ٻار ٻچا
ابڙي نالي هڪ سمي امير مان ڪڇ ڀڄ ڏي موڪليا
۽ پوءِ سلطان جي لشڪر سان وڙهڻ لڳا، پر سگهوئي
شڪست کائي ڪڇ ڏي اُٿي ڀڳا ۽ سلطان جو لشڪر
پٺيان ڪاهي پين. سومرا اچا ڪڇ ۾ ٿي گهڙيا ته ڪڇ
جا سما مٿن ڪاهي آيا. اڳيان سما ۽ پٺيان سلطان جو
لشڪر پين. انهن ٻن زورن جي وچ ۾ سومرن جي خاندان
جو خاتمو ٿي ويو. هن تواريخي ڳالهه بابت ٿر ۾
ڪيترا بيت ڏيندا آهن ۽ چارڻ گيت چوندا آهن.
شاهه جي رسالي جي سُر بلاول ۾ به هن تواريخي
ڳالهه بابت ڪيترا بيت آهن.

سمن ۽ سومرن جي پاڻ ۾ اچي لڳي ته سوڍن کي
وجهه ملي ويو، تن عمرڪوٽ وارو قلعو وري پنهن جي
قبضي ۾ ڪيو. "ڪانگ ڪي لڙ ۾ مزو". سومرن ڪانپوءِ
سمن جي حڪومت سنڌ ۾ ٿي. سمن جي گهراڻي جو
پهريون حاڪم ڄام اُنڙ سنه ١٣٥١ع ۾ تخت تي ويٺو.

هن ٽر جو پاسو ڏي چڙدي ڏٺو ۽ ٺٽي ڏانهن مڪاي ٽڪري جي نزديڪ ساموئي جو شهر ٻڌي اهو پنهنجي گاديءَ جو هنڌ ڪيائين. هينئر سوڍن جي هيڪاري ساڃي ٿي ۽ هو اڳيئين وانگر ٿر ۾ راڄ ڪرڻ لڳا ۽ سدو دهليءَ جي بادشاهه کي ڏن ڏيڻ لڳا.

## عمرڪوٽ ۾ اڪبر بادشاهه جو جنم.

سنه ١٥٤٠ع ۾ بابر بادشاهه جي مرڻ کانپوءِ دهليءَ جي تخت تي همايون ويٺو. هن پهرياڻين بنگال ۽ گجرات هٿ ڪيا، پر پوءِ شيرشاهه افغان هٿان شڪست کائي سنڌ ڏي ڀڳو. هو پهرياڻين روهڙيءَ جي نزديڪ ٻيرلوءِ ۾ اچي رهيو ۽ پوءِ جوڌپور ڏي رخ رکيائين، پر واٽ تي ڪا غيرت آيس سو جيسلمير مان لنگهي عمرڪوٽ ۾ آيو. همايون بادشاهه عمرڪوٽ ڏي ايندي واٽ تي ڏاڍي تڪليف ڏٺي. هن کي وڏي تڪليف پاڻيءَ جي ٿي. ٿلا ٿ. ۽ جيسلمير ۾ کوهن جو پاڻي هڪڙو کارو ٻيو کوهه وري ست پرهه* بلڪ وڌيڪ اونها، جنهن ڪري کوهن مان پاڻي ڪڍڻ ۾ گهڻو وقت لڳي ٿو.

---

* ”پرهه“ لفظ اصل ۾ آهي سنسڪرت لفظ ”پرش“ معنيٰ ماڻهو. ٺ پرهه اونهو کوهه تنهن جي معنيٰ ته ست ماڻهن جي ڊيگهه جيترو اونهو کوهه. حساب جي سولائي لاءِ پرهه ۾ پنج فوٽ ليکيا آهن.

همايون سان جيڪي ماڻهو سانڻ هئا سي پاڻيءَ لاءِ اهڙا آتا جو هڪ هنڌ کوهه مان پاڻي ٿي ڪڍيائون ته منجهائن ڪيترا اچي پاڻيءَ تي آجهريا، سوبه ايتري قدر جو ڪي ماڻهو کوهه ۾ ڪري پيا! هيءَ ڳالهه ڪرنل ٽاڊ به چاڙائي آهي. همايون بادشاهه عمرڪوٽ ۾ آيو ته اتي جي گادي نشين راڻي سندس جهجهو آءُ آدر ڪيو ۽ سندس ايتري خدمت ڪيائين جو هنڪان سفر جون سڀ سختيون وسري ويئون ۽ هو راڻي تي گهڻو راضي ٿيو.

انهيءَ عمرڪوٽ واري منزل تي هندستان جو هاڪارو ۽ هردلعزيز اڪبر بادشاهه ۱۴ آڪٽوبر ۱۵۴۲ع ۾ ڄائو. انهيءَ تاريخي ڳالهه جي يادگيريءَ ۾ ڪيجواڙي تعلقي عمرڪوٽ جي هڪ سيد عمرڪوٽ جي پاهران هڪ سادو يادگار جوڙايو آهي. حقيقت ڪري هتي ڪو عاليشان يادگار نهڻ کپندو هو، جو اڪبر بادشاهه جي انصاف جون ڳالهيون گهٽي هندو توڙي مسلمان اڄ تاءِ ڏڪ پريندا آهن، ههڙي حاڪم لاءِ يادگار به اهڙوئي هئڻ گهرجي.

## ڏر ۾ ڏلون معاف.

راڻن جي صاحبيءَ ۾ ڏر ۾ اهو رواج هو ته جنهن ڪي جيتري زمين کپندي هئي، سو تيتري وڃي پو ڪيندو هو ۽ پنهن جي پيدائش سارو گادي نشين راڻي کي

ڍل پهچائيندو هو. راڻا وري دهليءَ جي بادشاهه کي ساليانو ڏن ڏيندا هئا ۽ انهن ڪيترا سال پٺي چرخو هليو. جڏهن اڪبر بادشاهه تخت تي ويٺو، تڏهن عمرڪوٽ جي راڻن جيڪي خدمتون سندس پيءُ جون ڪيون هيون، سي ياد آيس ۽ پنهن جي جنم جي ڳالهه به ياد ڪري عمرڪوٽ جي راڻن کي لکيائين ته عمرڪوٽ منهن جي جنم جي جاءِ آهي ۽ اوهين منهنجي والد سان بلڪل وفادار ٿي هليا هئا، تنهن ڪري توهان کان ساليانو ڏن وٺڻ آءٌ حرام ٿو سمجهان ۽ اوهانکي سڀ ڍلون معاف آهن! اڪبر بادشاهه جي هن حڪم جي پڌرائي ٿي ته سڄي ٿر ۾ واهه واهه پئجي ويئي ۽ هر ڪو انهن چوڻ لڳو ته پلي ته اڪبر بادشاهه عمرڪوٽ ۾ ڄائو، جنهن سڄي ٿر مان رائر (ڍل) جو رواج بند ڪري ڇڏيو. شاهه جي رسالي مان ڏسجي ٿو ته شاهه لطيف جڏهن ٿر ۾ گهمڻ ويو هو، تڏهن به ڍل جو رواج ٿر ۾ ڪونه هو. اها خبر رسالي "مارئي" جي هيٺين ٽڪ مان پوي ٿي.

"نڪا جهل نه پل نڪو رائر ڏيهه ۾".

ننگر پارڪر پاسي جن راڻن راڄ ڪيو تن به اهوئي دستور اختيار ڪيو ۽ سڄي ٿر مان ڍل جو نالو ئي نڪري ويو.

## سوڍن جي حڪومت جو نمونو

آزادي جنهن کي چئجي سا سچو پچو سوڍن جي

صاحبيءَ ۾ هئي. تہ ۾ پٽي يعني ڏادي زمين ٿوري آهي، مگر وارياسي زمين گهڻي آهي. ٿر ۾ پوک رڳو ڏهرن ۽ ٽلين ۾ ٿئي ٿي. پر پٽن جي وچ ۾ ڏادي زمين آباديءَ جي لائق تنهن کي ڏهر چئبو آهي. جيڪڏهن ڪو ڏهر اهڙو هيٺاهينءَ تي هوندو آهي جو اوسي پاسي ڪان برسات جو پاڻي وهي ان ۾ اچي ڪٺو ٿيندو آهي تہ انهي هيٺاهين ڏهر کي "ٽلي" چوندا آهن. انهن ڏهرن ۽ ٽلين مان جنهن کي جيتري زمين کپندي هئي، سو تيتري وچي پوکيندو هو ۽ پنهن جي پيدائش جي پنجين پتي ڪن جيترو حصو راڻن کي ڏيل ۾ پهچائيندو هو. راڻن کي پنهنجيون بہ جاگيرون هيون ۽ گهڻو مدار انهن تي هون.

عمرڪوٽ توڙي ننگر پارڪر جي سوڍن وٽ ڪو فوجي سپاهہ پگهار تي رکيل ڪونہ هو. پنهن جو گهر چگي طرح بڌل هون ۽ آڌي مانجهيءَ جنهن بہ راجپوت کي سڏ ڪندا هئا، سو امالڪ اچي حاضر ٿيندو هو.

ننگر پارڪر جي راڻن کي ڪولهي لوڪ ۽ عمرڪوٽ وارن راڻن کي ڀيل وقت سر چگي مدد ڏيندا هئا ۽ اها مدد هو ڪنهن لالچ تي نہ پر پنهن جو فرض سمجهي ڏيندا هئا.

ٿر ۾ ڪنهن جي ڪا دانهن ڪوڪ هوندي هئي، تہ نڪا درخواست ڏيندي هئي نڪو اسٽامپ لڳندو هو. جنهن کي جيڪا دانهن ڪوڪ ڪرڻي هوندي هئي،

سو گادي نشين راڻي يا هنجي صوبي سان وچي حال
ڪندو هو ۽ هو انهيءَ دم هنجو داد ڪندا هئا. ڪنهن
جو لهڻي ڏيڻي تان ڪو تڪرار ٿيندو هو ته گادي
نشين راڻو يا هنجو صوبو چار چڱا وهاري هنجو معاملو
نبيري ڇڏيندو هو.

ٿر ۾ هن وقت ڪڏهن ڌاڙا لڳن ٿا مگر
اڳي ڌاڙن جي ڏم لڳي پيئي هوندي هئي. جنهن بابت
شاهه جي رسالي ۾ به اشارا آهن. ٿر ۾ ڪرار (واڻيا)
پئسي وارا آهن ۽ انهن کي ڌاڙيلن جو هردم ڊپ رهندو
هو. غريب مالدارن کي به ڌاڙيلن جو ڊپ هوندو هو،
جو ڌاڙيلا زبردستيءَ هنن جو مال ڪاهي ويندا هئا.
سوڍن جي صاحبيءَ ۾ ٿر ۾ ڪٿي ڌاڙو لڳندو هو ته
اڪثر گادي نشين راڻو پاڻ گهوڙي تي لانگ ورائي
ڌاڙيلن کي وچي سامهون ٿيندو هو ۽ سر جو سانگو
اصل ڪين ڪندو هو. اهڙن ڏي وقتن تي ڪولهي ۽
ڀيل هنن راڻن کي چڱي مدد ڪندا هئا ۽ سر جي سٽ
ڏيئي ڌاڙيلن سان جنگ جوٽيندا هئا.

راڻا جيستائين ڌاڙيلن کان سمورو مال سئيءَ سڳي
سوڌو وٺي مالڪن کي نه پهچائيندا هئا، تيستائين گهر
ڏي ڪين موٽندا هئا. جڏهن ڌاڙيلن کان ڪٿي خير سان
گهر ايندا هئا، تڏهن پنهن جي خرچ تي ديگيون چاڙهيندا
هئا ۽ هر ڪو ڪاڻي پي خوش ٿي ويندو هو.

اڪبر بادشاهه جي حڪم موجب ٿر مان ڍلن جو

بجيرن کي سوديا اڪثر ساڻ ڪين ڪٽندا هئا ۽ بجير ذات ڪان ڪنهن به قسم جو نذرانو ڪين وٺندا هئا. سودن ۾ ڪيتري قدر سچائي هئي تنهن بابت هڪ مزيدار مثال نموني خاطر ڏجي ٿو.

عمرڪوٽ جي آڳاٽن راڻن مان هڪ گادي نشين راڻي ڪنهن ڪرار ڪان هڪ لک رپيا قرض ڪنيون هو، جو راڻا پنهنجون نياڻيون راجائن ۾ ڏيندا آهن ۽ نياڻيءَ جي شاديءَ تي ڳچي لک خرچ ڪندا آهن.

گادي نشين راڻي کي اميد هئي ته فصل پلو ٿيندو ۽ ان مان توڙي ٻي اپت مان قرض سولائي سان لهي سگهندو پر ڏٺيءَ جي اهڙي جوڙ جو برسات پوري‌سوري پيئي ۽ فصل بلڪل گهٽ ٿيو. مدي پڄاڻا جڏهن ڪرار پنهنجا پئسا گهريا تڏهن راڻي سموري حقيقت ٻڌائي ته حال ڏهه هزار ڪن وٺي وڃ ٻئي فصل تي باقي پئسا وٺج. ڪرار ڪان وڌيڪ ترسڻ ڪين پنو تنهن تنگ طلبي ڪئي تنهن تي راڻي پنهنجي خزانچيءَ کي پنهنجي پر ۾ ڪا اٽڪل سيڪاري پوءِ هن کي چيائين ته جنهن صورت ۾ هن ڪرار جو اسان ۾ ويساهه گهٽو نٿو ڇمي تنهن صورت ۾ پنهنجا پراوا پئسا وجهي هن کي هڪ لک رپيا پورا ڪري ڏي. خزانچي امالڪ ناڻي جون ڳوٿريون کڻي اچي ڪرار کي پئسا ڏيڻ لڳو. خزانچي هرهڪ ڍڳي ويهن رپين جي ڏاهي حڏهن ست ويهون ڳڻي رهيو تڏهن ڪرار کي چيائين ته هي

اڇي هڪڙو سؤ. ڪرار کي سؤ ۾ ست ويهون مليون سو دل ۾ خوش ٿيو پر ظاهري هڪ اکر به ڪونه ٿي ڪڇيائين. اهڙيطرح ٻيو سؤ ۽ ٽيون سؤ مليس ته به هي ائين ڪين ٻيو چوي ته مون کي پئسا وڌيڪ پيا ڏيو پر پاڻ به چوندو پئي ويو ته برابر ٻيو سؤ به مليو ته ٽيون سؤ به مليو. اهڙي طرح ڳڻيندي ڳڻيندي جڏهن خزانچي ڏهه هزار رپيا پورا ڪيا تڏهن ڪرار کي چيائين ته هاڻ تنهنجو لک رپين توکي اچي ويو! اتي ڪرار رڙ ڪري راڻي کي چيو ته سائين مون کي اڃا مليا ٿي ڏهه هزار آهن ته هيءُ خزانچي ٿو چوي ته توکي لک اچي ويو!

راڻي چيس ته بابا، جنهن وقت سؤ ۾ ست ويهون توکي خزانچي ٿي ڏنيون تنهن مهل تو ڏانهن ڪانه ڪئي تڏهن هينئر وري ڇاجي ٿو دانهن ڪرين؟ اسان وٽ حساب هلندو ٿي ائين آهي. انهيءَ ڳالهه تان عام پهاڪو آهي ته:

”سو ڏڪو سؤ ستين ويهين ڏهين هزارين لک.“

راڻي پوءِ ڪرار کي چيو ته ٻچا، ايمان نه لوڙهه تنهنجي رقم وچٽي ڪانهي پئي فصل تي سمورو ڪندو چڪائي ونءِ.

ڪرار پوءِ ترسيو ۽ پئي فصل تي راڻي سمورا پئسا وياج سوڌا ڏيئي خوش ڪري ڪڍيس. هن مان ثابت آهي ته حال ڪرار جو به ايترو ته اعتبار

هو جو هڪ لکت رپيا ڏنائين ۽ آفرين راڻي کي به آهي جنهن ايمان جي سلامتيءَ سان سمورا پئسا وياج وٺي سوڍا ڏنا نه ته جيئن صاحبي سنڌن هٿ ۾ تيئن جيڪڏهن ڪرار کي پئسا ڳاڙهي ماڻ سان مٽي ڏئي ها ته به وس وارو هو.

مطلب ته آڳاٽن سوڍن جون جيڪي ڳالهيون پڌجن ٿيون تن مان ظاهر آهي ته هنن جي دل درياهه هئي ۽ جهڙا سورما هئا تهڙا ئي سچار هئا. اهڙي طرح ايمان جي سلامتيءَ سان ڏيتي ليتي هلائيندا ۽ رعيت کي هر طرح راضي ڪندا رهيا تان جو نيٺ ڪلهوڙن جي صاحبي آئي.

## ڪلهوڙن جي صاحبي

سنڌ ۾ سومرن ۽ سمن کان پوءِ ارغون ۽ ترخان گهراڻن وارن راڄ ڪيو مگر ٿر جي پٽن شايد سيني کي ڏڪائي ڇڏيو هو تنهن ڪري راڻن ڏي ڪين رڙهيا ۽ سوڍا سڀ وقت خودمختيار ٿي گذارڻ لڳا. سنڌ ۾ پوءِ دهلي جي بادشاهن جي صوبه دارن جي حڪومت ٿي مگر ٿر جا صوبه دار اهي ئي سوڍا هئا. ڪلهوڙن جي جڏهن صاحبي ٿي تڏهن به ٿر جا سوڍا پنهنجن پانهن جي پل تي ٿوريان ٿورا سال خودمختيار ٿي رهيا پر پوءِ ميان نور محمد ڪلهوڙي عمر ڪوٽ جي سوڍن کي پنهنجي تابع ڪيو ۽ عمر ڪوٽ جو

قلعو ڪاڻن ڪسيائين. ريڪس صاحب جي لکڻ موجب عمرڪوٽ وارو قلعو ڪلهوڙن جي هٿ ۾ ۱۷۵۰ع ۾ آيو. مگر حقيقت ڪري اهو واقعو سنه ۱۷۳۸-۳۷ع ڌاري ٿيو هوندو. ڇاڪاڻ ته سنه ۱۷۳۹ع ۾ نادر شاهه جڏهن سنڌ تي ڪاهي آيو، تڏهن ميان نورمحمد عمرڪوٽ واري قلعي ۾ وڃي لڪو هو ۽ نادر شاهه اتي به ڪاهي وڃي پهتو هوس. ميان نورمحمد اهو قلعو ضرور سنه ۱۷۳۹ع کان اڳ هٿ ڪيو هوندو، نه ته اتي لڪڻ جو وجهه مشڪل مليس ها. سنه ۱۷۵۰ع ۾ ڪلهوڙن ٿر ملڪ تي ڪاهه ڪري سڄو ٿرپارڪر پنهن جي قبضي ۾ ڪيو، انهي وقت ٿر جي سوڍن ۾ ڀاڄ پيئي ۽ هو ٽڙي پکڙي ويا ۽ پٽن ۽ ڍهرن ۾ گوشڙا بڌي وڃي رهيا. انهيءَ ڀاڄ ڪانپوء ٿري ماڻهو عمرڪوٽ وارن سوڍن کي پنهن جو حاڪم ڪري ليکيندا هئا. ڇاڪاڻ جو اوکي سوکي ۾ مدد جو آسرو وري به وٽائن هئن باقي ڍل نڪي ڪلهوڙن کي، نڪي راڻن کي ٿي ڏيندا هئا.

ڪلهوڙن پوء ڍلن اگاڙڻ تي زور ر ڪيو. سنڌ گزيٽيئر مان معلوم ٿو ٿئي ته ڍلن اگاڙڻ لاء ڪلهوڙا ويرا واهه تعلقي ننگرپارڪر تائين به ويا، پر پوء راڻن تي ڪجهه ڍل بڌي ۽ هنن کي پنهن جو ڏن پرو ڪري ٿر جي حڪومت وري به سنڌن (عمرڪوٽ وارن راڻن جي) حوالي ڪري ڇڏيائون. سنڌ جي تواريخن مان

معلوم ٿو ٿئي ته ميان عبدالنبي ڪلهوڙي پنهن جي صاحبيءَ ۾ عمرڪوٽ جو شهر جوڌپور جي راجا کي وڪڻي ڇڏيو. جو پوءِ ١٨١٣ع ۾ ٽالپرن موٽائي هٿ ڪيو. حاصل مطلب ته سومرن جي صاحبيءَ کان وٺي ڪلهوڙن جي صاحبيءَ جي اوائل تائين ٿر ۾ راڻن جو راڄ هو.

سوڍن جون گهڻيون ذاتيون آهن. ٿر جي جدا جدا پاڳن ۾ جدا جدا ذاتين جي سوڍن ۽ ڪلهوڙن جي صاحبيءَ تائين راڄ ڪيو ۽ اهو *تفصيل هن طرح آهي :—

(١) سرتان سوڍا عمرڪوٽ ۾.
(٢) گنگداس سوڍا ڇوڙ تعلقي عمرڪوٽ ۾.
(٣) راڻ ڪڌهر کپري طرف.
(٤) نرا سوڍا مٺيءَ ۾.
(٥) نبا سوڍا اسلامڪوٽ ۾.
(٦) مالڏيو سوڍا ڏيپلي ۾.
(٧) پوچراج سوڍا ڇاڇري ۾.
(٨) ساڏؤر سوڍا ڇيلهار تعلقي ڇاڇري ۾.
(٩) اکا سوڍا ننگرپارڪر ۾.

* ٿر جي هڪ مختيارڪار به پنهن جي روءِ سوءِ هن ڳالهه بابت پڇا ڪئي هئي ۽ هن کي به اهو ساڳيو تفصيل مليو هو.

اهي سيئي سوديا ڏاڏي پوٽا هئا.

## ميرن جي صاحبي

ڪلهوڙن ڪانپوء ميرن جي صاحبي سنڌ ۾ ٿي ته ٿر جا سوديا وري به خود مختيار ٿي رهڻ لڳا ۽ جيڪو ڏن ڪلهوڙن کي ڏيندا هئا، سو ميرن کي ڏيڻ بند ڪري ڇڏياؤن. مير فتح علي خان ڏٺو ته راجپوت زبردست قوم آهن ۽ مٺي مارادي ڪانسواء سنوت ڏيڻ وارا ڪينهن. تنهن ڪري هن پهريائين سوڍن تي حشمت ڄمائڻ ۽ ساڳي وقت پنهن جي بچاءُ لاء ٿر ۾ جدا جدا هنڌن تي قلعا جوڙائڻ شروع ڪيا. پهريائين پهريائين مٺيءَ وارا قلعو ٺهيو، جو هن وقت مٺيءَ جي شهر جي مسافرخاني جي نزديڪ هڪ پٽ تي زبون حال ۾ آهي. انهي قلعي ڪان ٿورائي سال پوء اسلامڪوٽ وارو قلعو ١٧٩٥ع ۾ ٺهيو هو.

هاڻ ڊهي ويو آهي. سنگالي وارو قلعو ١٨٠٠ع ۾ جڙيو ۽ ٻن سالن ڪانپوء مير فتح علي خان وفات ڪئي. نئون ڪوٽ وارو قلعو مير ڪرم علي خان جي ڏينهن ۾ ١٨١٤ع ۾ ٺهيو هو ۽ اهو اڄ تائين ڪنهن حال ۾ آهي. اهڙي طرح ميرن ٿر ۾ جدا جدا هنڌن تي قلعا جوڙائي سوڍن کي ذهن نشين ڪرايو ته هاڻ اسانجي صاحبي آهي ۽ ڪاڏن ڍلون طلبڻ لڳا. مٺي ۽ ان جي

پسگردائي وارن سوڍن آڻ مڃي. هو پنهن جي پيدائش جون ٻه پتيون ڍل ۾ ڏيندا هئا ۽ ٽي پتيون پاڻ کڻندا هئا. ميرن پوءِ سنه ۱۸۳۰ع ۾ ڏيپلي ۽ ننگرپارڪر تعلقن مان ڍلن اڳاڙڻ لاءِ پنهنجا ماڻهو موڪليا. اتي سيڻي سوڍن پاڻ ۾ ٻڌي ڪئي ۽ ننو اکر واري ويٺا. ميرن جي ماڻهن کي چيائون ته ٿر ملڪ ايامن کان اسان جو آهي ۽ ميرن جو هتي ڪوبه واسطو ڪونهي. سوڍن سمجهيو هو ته هن ڳالهه تان وڌو تڪرار ٿيندو تنهن ڪري ننگرپارڪر، ويرا واهه، آڏيگام ۽ ٻين هنڌن جا سوڍا اچي ٻهراڙي ۾ ڪٺا ٿيا، جو ميرن جا ماڻهو اتي مقرل انداز هئا. ميرن جي پاران جيڪو عملدار ڍل اڳاڙڻ آيو هو، تنهن ائين ٿي ڀانيو ته دڙڪي دٻاءَ ۾ سوڍن کي سڌو ڪندس، پر هو ڪانئس ڊچڻ وارا نه هئا. هي ميرن جو ماڻهو پوءِ هنن سان کهرو خستو پيو ۽ هنن کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ تي هنن اتي جو اتي هنکي قتل ڪري ڦٽو ڪيس.

سنڌ جي ميرن جي سوڍن هٿان بي عزتي ڪئي ۽ هنن جو عملدار ماري وڌائون. تنهن تي ميرن يڪدم پنهن جو لشڪر چاڙهي موڪليو، جنهن اچڻ سان سوڍن تي ڪٽڪا وڌا ۽ ڪيترا سوڍا مارياڻون. انهيءَ لشڪر گهڻي ڦر لٽ ڪئي ۽ سڄو ننگرپارڪر ويران ڪري ڇڏيائون ۽ ٻه راڻا ۽ ٻيا ٿورا ماڻهو قيد ڪري وٺي ويا. ننگرپارڪر جو گادي نشين راڻو اڃا صغير هو،

تنهن ڪري اتي جي ڪاروبار هلائيندڙ سوديءَ ڪي گرفتار ڪري سنڌ ڏي وٺي ويا ۽ پوءِ ٺٽي ۾ آڻي هنن کي هڪ قلعي ۾ بند ڪري خوب مار ڪڍيائونس ۽ پوءِ مکيه راڻي کان ڏنڊ وٺي هنن کي ڇڏي ڏنائون. ڪئپٽن ريڪس جي ڪتاب موجب پارڪر جي راڻي کي ڏهه هزار ڪوڙيون، يعني ٢٦٣٨-٨-٤ روپيه ۽ ويرا واهه جي راڻي کي ٻارهن هزار ڪوڙيون يعني ٣١٦٦-٣-٧ روپيه ڏنڊ وڌائون. ويرا واهه جي راڻي جو پاءُ حيدرآباد ۾ قيد اندر مري ويو. گهوٽ ڀهراڻو جتي ميرن جو ماڻهو ماريو ويو هو، اتي جي راڻي کي ڏهه هزار روپيا ڏنڊ وڌائون. آڏيگام جو سوڍو ڪيمجي جو پڻ خون ڪرڻ ۾ شامل هو، تنهن کي پندرهن سؤ ڪوڙيون ڏنڊ وڌائون. اهي سڀيئي سوڍا ڏي مهينا قيد ۾ هئا ۽ ڏنڊ ڏيڻ کانپوءِ ڇٽا. انهي معاملي کانپوءِ ميرن کي زمين جي پيدائش جي پنجين پتي ڍل طور ملندي هئي. ٿر ۾ سوڍن ڏول يعني ڪسٽم ڊيوٽي اڳارڻ به شروع ڪئي هئي ۽ انجو اڌ ميرن کي ڏيڻ لڳا.

## ڪن سوڍن جو پرشت ٿيڻ.

سنڌ ۾ ڪلهوڙن ۽ ميرن جي صاحبيءَ ۾ ٿر پاسي نه رڳو راڻا زور هئا، مگر ڪن مسلمان قومن به ايتري قدر زور ورتو جو ڪيترن هندن جا راڻا ڪاڏن ڊڄڻ لڳا. ڪي انهي ڊپ ڪري ۽ ڪي پئسن جي

لالچ تي ڪي سوڍا مسلمانن ۾ پانهون ڏيڻ لڳا.
ٿرپارڪر ضلعي جي ڏيپلي تعلقي ۾ رحمڪي بازار نالي
ڳوٺ آهي. اتي جا مسلمان رهاڪو راحمو آهن، جي
اڄ تائين سوڍيون پرڻبا آهن. ساڳي طرح نورائي ذات
جا مسلمان به سوڍن مان پرڻبا آهن، پر پنهنجون نياڻيون
هنن کي ڪين ڏيندا آهن.

ڪلهوڙن جي صاحبي ڪان وٺي ڪوسن به سنڌ ۾ زور
ورتو ۽ انهي صاحبي پوري ٿيڻ ڪانپوء ڪيترا ڪوسا ٿر
۽ مارواڙ پاسي ٽڙي پکڙي ويا. هو ڌاڪا ڪندا هئا
ڪرت ڌاڪا ڪار ۽ رڳو ڦر مار تي گذاريندا هئا.

ننگرپارڪر جي راڻن کي جڏهن ميرن ڏنڊ وڌا ۽
هنن کي ڪتائي سڄو ڪيائون، تڏهن ڪن سوڍن پنهنجو
اڳوڻو نمونو مٽائي بڇڙو نمونو اختيار ڪيو. اڳي هو
ٿر جي ماڻهن کي ڌاڙيلن کان بچائيندا هئا، پر پوء
ڪي سوڍا پاڻ به، وڃي ڪوسن ۽ ٻين ڌاڙيلن سان شامل
ٿيا. ايترو وري به خيال ٻين جو ٿر جي ماڻهن کي
ڪين ستايائون. باقي ڪڇ ڍٽ ۽ گجرات طرف رڻپاري
ڌنائون. انگريزن امالڪ ميرن کي لکيو ته ٿر جي ڌاڙيلن
ڏاڍي باهه ٻاري ڏني آهي ۽ توهين ڪجهه همٿ ڪريو،
مگر اهي ڌاڙيلا ميرن جي هٿ اچڻ جا نه هئا. انگريزن
پوء ڌاڙيلن کي پڪڙڻ ۽ راڻن کي دٻائڻ لاء ١ نومبر
١٨٣٢ع تي ننگرپارڪر ۾ لشڪر چاڙهي موڪليو.
ان وقت ننگرپارڪر جي گادي تي سوڍو جڳوجي هو.

جنهن بابت چوڻ ۾ ٿي آيو تہ هو ڏاڙيلن سان مليل هو. انگريزن جي اچڻ جو پڌي راڻو جڳوجي پڇي ويو. ويرا واه جو راڻو ۽ ڳوٺ ڀهراڻي جو ذڪر انگريزن جي پيش پيا. ميرن جي صاحبي هئي تنهن ڪري انگريزن بي ڪا دست اندازي ملڪي ڳالهين ۾ ڪانہ ڪئي ، باقي راڻي جڳوجي پڇي وڃڻ ڪري ڪئپٽن رابرٽس ايترو ڪيو جو راڻي جي هڪ ويجهي عزيز ڪرن جي کي پارڪر جو راڻو مقرر ڪري هن کي پيارت ڪيائين تہ ڏاڙيلن تي چڱي نظر رکج، جيئن وري هو ڦر لٽ نہ ڪن.

راڻو جڳوجي جو انگريزن جي اچڻ جو پڌي پڇي ويو هو سو نيٺ ميرن جي هٿ آيو، جن گرفتار ڪري انگريزن ڏي موڪليس. انگريزن هن کي ڪجهہ وقت ڪڇ ۾ قيد رکيس. پر پوءِ ڇڏي ڏنائونس ۽ پوڏيسر جي شهر جو راڻو مقرر ڪيائونس جتي جي ڊيل جو حصو ملندو هوس. جڳوجي آگسٽ ١٨٥٢ع ۾ مري ويو، پر انکان اڳ انگريزن جي سنڌ تي حڪومت ٿي.

## انگريزن جي صاحبي

سنہ ١٨٤٣ع ۾ انگريزن سنڌ فتح ڪئي ۽ ٿر ۾ پنهن جا عملدار مقرر ڪيائون تہ ٿري ماڻهو جي هميشہ هندڪي راڄ تي هريل هئا، تن پڪار ڪئي ۽ انگريزن کي استدعا ڪيائون تہ اسانجو ملڪ ڪڇ پيچ

سان لڳائي ڇڏيو ته اسين انهي ۾ خوش آهيون. انگريزن اها ڳالهه قبول ڪئي ۽ سنه ١٨٤٤ع ۾ ٻلهياري، ڏيپلو، مٺي، اسلام ڪوٽ، سنگالو، ويرا واهه، پتياپور، ٻڪاسر ۽ ننگرپارڪر جا شهر ڪڇ جي اسسٽنٽ پوليٽيڪل ايجنٽ جي تابع ڪياڻون. باقي گڊڙو، ڇيلهار ۽ ٻيو ٿر جو ڀاڱو عمرڪوٽ سوڌو حيدرآباد ضلعي سان لڳائي ڇڏياڻون ۽ اها حد ميرپورخاص جي ڊپٽي ڪليڪٽر کي ڏناڻون. انگريزن کي پوءِ سگهوئي خبر پيئي ته ٿر ۾ ايامن کان سوڍن جي صاحبي يا راڻن جو راج هو ۽ هو بنا ليسن هٿيار پنوهار رکن ٿا ۽ ڪارن تي کي ٻنڌياڻ ٻڌل اٺن سي وصول ڪن ٿا. سوڍن کي انگريزن انهن ٻنڌياڻن وٺڻ کان منع ڪئي ۽ کين حڪم ڏناڻون ته آئينده پرواني کانسواءِ هٿيار نه رکو. ان وقت عمرڪوٽ جي گاديءَ تي راڻو مهراج هو. هو نهايت صلح پسند ماڻهو هو ۽ دل ۾ ٻـه سمجهي رهيو هو تـه انگريزن سان اسانجي دال ڪين ڳرندي، تنهن ڪري انگريزن جو حڪم مڃي ڪري مڃيائين.

## راڻي رتن سنگه جي ڪهاڻي.

عمرڪوٽ جي گادي نشين راڻي مهراج جو سؤٽ راڻو رتن سنگه ولد راڻو انند سنگه هو. هو دل جو دلير ۽ نهايت حشمت وارو جوان هو. انگريزن جي صاحبي ۽ راڻن جي راج جو خاتمو ٿيل ڏسي هو، خار کائڻ

لڳو ۽ مات ڪري وهڻ پنهنجو مرڪ نہ ڇاڏائين. هو يڪدم ڪرارن وٽ ڪاهي ويو ۽ هنن کي ڇيائين تہ هاڻ برابر انگريزن جي صاحبي سنڌ ۾ آهي مگر ڏر ۾ اسان راڻن جو راڄ اڃا قائم سمجهڻ گهرجي تنهنڪري پنهنجا ڍڳل ڍنڍياڻ دستور موافق ڏيندا اچو نہ تہ توهان کي چڱائي نہ رسندي.

ڪرارن ڏنو تہ هاڻ انگريزن جي صاحبيءَ ۾ راڻن جو ڪهڙو زور هلي سگهندو سي ڍنڍياڻ ڏيڻ کان صفا پڙ ڪڍي بيٺا. هن ڳالهہ راڻي رتن سنگہ ۾ هيڪاري جوش جاڳايو. راڻن سان ڀيل ۽ ٻيا ڪيترا ماڻهو پوءِ بہ ڍڳل هئا. تن جي مدد سان راڻي رتن سنگہ ڪرارن جون زالون زبردستيءَ ڪڍايون!

ڪرارن کي ڇيائين تہ هي مون کي پنهنجي ماءُ ڀيڻ جي برابر آهن. مگر جيستائين اسان جا ڍڳل ڍنڍياڻ نہ ڏيندا ۽ اسان کي پنهنجو حاڪم ڪري نہ مڃيندا تيستائين توهان جا ڀاتي مون وٽ نظر بند رهندا. ڪرارن آخر پئسا ڏيئي پنهنجون زالون ڇڏايون پر پوءِ انگريز سرڪار کي دانهن ڏنائون تہ اسان سان هي ظلم آهي.

سرڪاري عملدار راڻي رتن سنگہ جي پٺيان پيا پر هو اهڙي ڪنهن هنڌ وڃي لڪو جتي ڪنهن کي بہ سندس پتو ڪونہ پيو. راڻي رتن سنگہ جي چور تي پوءِ ڏر ۾ گوڙ متو ۽ خود انگريزن سان سامهون

ٿوڻ جون تياريون ٿي ويئون، تن ڏينهن ۾ ٿر ۾ ٽروٽ صاحب هو تنهن ماڻهن کان سموري حقيقت وٺي هنن جي اهنجن ايذائن لاهڻ جا انجام ڏيئي هنن کي ماٺ ڪرايائين پر ايترو چاتائين ٿي ته جيستائين راڻي رتن سنگهه کي راضي نه ڪبو تيستائين ٿر ۾ هڪڙو نه ٻيو وڳوڙ وڳوڙ هلندو ايندو. ٽروٽ صاحب پوءِ راڻي رتن سنگهه جي ڳولي لهڻ لاءِ ڏاڍا حيلا هلايا پر پتو ڪونه پيس. آخر راڻي رتن سنگهه جي ڪنهن گهري دوست چيس ته سرڪار مون سان انجام ڪري ته راڻي رتن سنگهه جي وار جو به نالو نه ونئندا ته پوءِ آءٌ راڻي کي وٺي اچان. ٽروٽ صاحب اهڙو انجام ڏنو تنهن تي هو جوان ويو ۽ راڻي کي وٺي آيو.

ٽروٽ صاحب عمر ڪوٽ واري قلعي ۾ راڻي کي گهرايو ۽ چيائينس ته فساد فتني مان ڪجهه حاصل ٿيڻو نه آهي تنهنڪري تون اهڙا اُبتا پير نه کڻ باقي اوهان راڻن کي اسان جي صاحبي ۾ ڪو اهنج ايذاءُ هجي ته اهو بلاشڪ کولي ٻڌايو ته آءٌ گهڻي خوشي سان ان جو تدارڪ ڪندس.

راڻي رتن سنگهه چيس ته اڪبر بادشاهه جي ڏينهن کان وٺي ٿر ۾ ڍل جو نالو به ڪونهي پر اڄ جو توهين ڍلون ٿا گهرو سي اسين کهڙي اکر ڏينداسون اسان جون جيڪي زمينون هيون سي توهين اڄ پنهنجي ملڪيت ڪري ويٺا آهيو ۽ اسان کي رڳو ٿورا نمبر

ڏنا اٿو، سو اسين ڪو توهان کان ٻيڪ ٿا گهرون ڇا؟ ڪارن ۾ وهاڻ ٿيندو هو تہ سادا ڇويهہ روپيا اسانکي وهاڻ جو لاڳ ملندو هو، اهو توهان اسانجو ڇو بند ڪرايو آهي؟ اڳي ڪنهن ڪرار وٽ وڃي منزل هٽندا هئاسون تہ هو سموري سرسات پهچائيندو هو، جنهن ڪري ڪاٺي پاڻي، گاهہ داڻي ۽ ماني ٽڪي ۾ جو اسان کي سهنج هوندو هو. اڳي ڪرارن کي قرض اڳاڙي ڏيندا هئاسون تہ سؤ پنيان هڪ رپيو اسان کي ڏيندا هئا يا لوٺي، ڪمر يا ٻي سوغات ڏيندا هئا. اڄ اوهين پنهنجون ڪورٽون ۽ عدالت خانا کولي ويٺا آهيو تہ پوءِ اسان راڻن جو راڄ ڪهڙو ٿيو؟ اسانجو گادي نشين مهراج ٿڌو نڪر آهي، سو اوهان جون اهي سڀ ڳالهيون سهي ٿو، باقي مون کان اهڙي بي حرمتي سٺي ڪين ٿيندي. آءٌ انگريزن جو غلام ٿي بلڪل ڪين رهندس. آءٌ هاڻ وڃي ڪنهن ڏيهي رياست ۾ گذاريندس ۽ جي مڙس ماڻهو آهيان تہ پاڙهين پيو ڪٽي کائيندس.

تروٽ صاحب ڏٺو تہ هن مڙس ۾ اڃا جوش جهجهو آهي، تنهن ساڻس مٺو ڳالهائي هن کي ٺاريو ۽ چيائينس تہ مون کان جيڪي پڇي سگهندو سو اوهان راڻن لاءِ ڪندس.

تروٽ صاحب پوءِ پنهنجو انجام پاڙيو. هن لکپڙهہ ڪري راڻي کي هڪ وڏي جاگير وٺي ڏني، جا عمرڪوٽ جي شهر کان ڇئن ڪوهن جي مفاصلي تي ڳوٺ ڪاروڙي

ڪان هڪ ڪوهه جي مفاصلي تـي آهـي. انهي جاگير
ڪانسواءِ تروٽ صاحب ڪين اٺ سؤ ڪـن روپيا ساليانـي
پينشن به وٺي ڏني، جا راڻي مهراج ۽ راڻي رتن سنگهه
جي اولاد کي انگريزي حڪومت تائين پٽيون ٿي ملندي
آهي، هي سڀ ڪم راڻي رتن سنگهه جي دل وٺڻ لاءِ
تروٽ صاحب ڪيا، مگر ايتري ڪندي به راڻو راضي
نه ٿيو. راڻي رتن سنگهه تروٽ صاحب کي چيو ته اهڙو
ڪو ڪم ڪريو جنهن مان ڪرار ۽ پيا ٿر جا ماڻهو
ائين سمجهن ته انگريزن جي صاحبيءَ هوندي به اسان
راڻن جي ٿر جي حڪومت ۾ ڪجهه واسطو آهي.
تروٽ صاحب اها ڳالهه به قبول ڪئي ۽ سؤنگهه يا نول
يعني ڪسٽم ڊيوٽي جيڪا ٿـر ۾ اڳڙندي هئي، تنهن
جو حصو به راڻن کي ڏياريائين. اهو سونگهه جيتوڻيڪ
ٿورو هو ته به راڻن انهيءَ رقم ملڻ ۾ پنهن جو مان مٿي
ٿي سمجهيو. راڻي رتن سنگهه وارن کي پوءِ پنجن سالن
لاءِ يعني ١٨٥٠ع کان وٺي ١٨٥٤ع تائين ناري ڊويزن
جي زمين جو مقاطو به سرڪار وٽان مليو. راڻو رتن سنگهه
۽ سندس عزيز مقاطعي جا پئسا سرڪار کي قسطون ڪري
پهچائيندا هئا ۽ زميندارن جي جيڪا پيدائش ٿيندي هئي
تنهن تي تخميني روءِ حساب ڀڏي هنن کان ڍلون اڳاڙي
پاڻ ڪٺند؛ هئا. انهي مقاطعي ملڻ ڪري راڻن ائين پئي
چاتو ته ٿر ۾ وري به اڳئين وانگر اسانجو راج آهي.
هينئر به سڀئي رعيتي ماڻهو راڻن کي مان ڏيڻ لڳا ۽

راڻو رتن سنگهه گڏ گڏ ٿيڻ لڳو.

عمرڪوٽ جي راڻن سان مهربانيون ٿيون ته پڻ هنڌن جي راڻن کي به سرڪار راضي ڪيو. مٺي ۽ اسلام ڪوٽ جي راڻن کي سرڪاري نوڪريون ڏنيون ۽ هنن مالدارن کان ڪجهه لوازما اڳاڙي پاڻ پٺي ڪنيان. ويرا واهه جي راڻي کي اجازت ملي ته اتي جي ڍل اڳاڙي پاڻ کٽي ۽ سندس پڻ حقن حقوقن وڃڻ ڪري هنکي ۱۸۰۵ رپيا عيوضو ڏنائون. ننگر پارڪر جي راڻي کي سورچند ۽ رامپور ڳوٺن جي ڍل اڳاڙڻ ۽ اها پنهن جي ڪتب آڻڻ جي موڪل ملي ۽ ۲۱۵۸ روپيه مٿان به مليس. مطلب ته ٿر جي سيني راڻن کي انگريز سرڪار ٿورو گهڻو ڏيئي راضي ڪيو ته آئينده ڪو فساد دنگو نه ٿئي.

## وفادار گهوڙي!

سنه ۱۸۴۴ع کان وٺي ۱۸۵۵ع تائين ٿر جو گهڻو ڀاڱو ڪڇ جي اسسٽنٽ پوليٽيڪل ايجنٽ جي هٿ هيٺ رهيو. انهي سال ڪانپوء انگريزن سڄوئي ٿر سنڌ سان لڳائي ڇڏيو. عمرڪوٽ جي راڻن کي جيڪو ڍلن اڳاڙڻ جو مقاطعو مليل هو، تنهن جو عرصو به اچي پورو ٿيو. هاڻ ڏسو ته سنڌ ن قسمت ڪيئن ٿي چڪر کائي.

عمر ڪوٽ تعلقي ۾، عمر ڪوٽ جي شهر

ڪان ٿي ڪوهه پري ڪيجراڙ نالي هڪ ننڍو ڳوٺ آهي، انهيءَ ڳوٺ ۾ سيد رهن ٿا، جي ورهين ڪان هاڪارا آهن. ڪيجراڙي ۾ هن وقت (١٩٢٤ع) ۾ هاڪارو سيد هاشم شاهه آهي. انهي هاشم شاهه جو ڏاڏو سيد محمد علي هو، تنهن سرڪار کي درخواست ڪئي تہ آئينده ٿر جي ڍلن اڳاڙڻ جو مقاطعو مونکي ملي ۽ آءٌ سرڪار کي هيترو ڪي هيترو (چون ٿا تہ سترهن هزار روپيا) پهچائيندس. تروٽ صاحب راڻي رتن سنگھہ کي گهرائي چيو تہ اسانکي هيتري آڇ آئي آهي. جيڪڏهن ايترا پئسا توهين ڏيو ته مقاطعي تي اول حق توهان راڻن جو آهي نہ تہ سرڪار کي نقصان ڪونہ وجهبو ۽ مقاطو سيد کي ڏبو. راڻي رتن سنگھہ وارن کي اهو مقاطعو اصل ڇهن هزارن کن ۾ هو، تنهن ڪري راڻي ايترا پئسا ڏيڻ قبول نہ ڪيا ۽ مقاطعو سيد کي مليو. هن ڪان پوءِ سيد محمد علي ۽ راڻي رتن سنگھہ جي وچ ۾ ناسازي ٿي، جنهن لاءِ پيا بہ سبب چوڻ ۾ اچن ٿا. مگر هڪ مکيہ سبب هي هو، جو اهو مقاطعو راڻن کي نہ مليو. انهي ناسازيءَ جو خوفناڪ نتيجو نڪتو. هڪ ڏينهن نئين ڪوٽ طرف واوري ۽ مونڊار جي وچ ۾ سيد محمد علي پنهن جا همراهہ ساڻ ڪري زمينن جي پيدائش جا تخمينا پئي پڌا تہ اوچتو راڻو رتن سنگھہ پنهن جي پل پلور گهوڙيءَ تي چڙهيل اتي اچي نڪتو ۽ پنهن جي پريل بندوق سيد جي سامهون ڪري چيائينس تہ هن وقت تنهنجو

موت منهن جي هٿان اڇٹو آهي. مگر تو کي پنهن جي جان بچائڻ لاءِ کو سانباهو ڪرڻو هجي ته ڀلي ڪر متان پوءِ ائين چوڻ ۾ اچي ته مون توکي ڪو به وجهه جان بچائڻ جو نه ڏنو. راٺي رتن سنگهه کان ماڻهو ڪن هٽندا هئا، ويتر هن جي هٿ ۾ ڀريل بندوق ڏسي سيد جا سڀ همراهه ڀڄي ويا ۽ سيد اڪيلو ڪجهه ڪري نه سگهيو. راٺو رتن سنگهه پوءِ سيد محمد علي کي شهيد ڪري جوڌپور طرف ڀڄي ويو. ثروت صاحب کي هن خون جي خبر پيئي، تنهن هنڌين ماڳين پوليس ڊوڙائي ۽ ڏيهي رياستن جي حاڪمن کي خط لکيائين ته هنن پارن سان رتن سنگهه نالي هڪ سوڍو خون ڪري ڀڄي ويو آهي؛ سو جي اوهان جي حدن ۾ اچي ته هن کي گرفتار ڪري اسان ڏي موڪلجوس.

راٺو رتن سنگهه جوڌپور رياست ڏي رخ رکي ڀڄندو پئي ويو. آخر عمرڪوٽ کان هڪ سؤ ڪن ڪوهن جي مفاصلي تي هي ٿڪ وچان ڪنهن وڻ هيٺ سمهي پيو. ڪنهن وقت سندس گهوڙي هڻڪار ڪئي ۽ خوب ڏڙا هڻڻ لڳي. گهوڙيءَ جي هڻڪار ۽ ڏڙن تي راٺو رتن سنگهه جاڳيو ۽ گهوڙيءَ کي ڏيري وري به سمهي پيو. حقيقت ۾ راٺي کي پڪڙڻ لاءِ پوليس جو لشڪر پريان پئي آيو ۽ اهو ڏسي گهوڙيءَ پنهنجي عقل سان هنکي جاڳايو ٿي. پر هو ٿڪل مڙس گهوڙيءَ جي هيڏي هڻڪار ڪرڻ ۽ ڏڙن هڻن جو مطلب نه

سمجهي ننڊ جي خمار ۾ پئجي رهيو. جڏهن پوليس اچي پڪڙيس، تڏهن هي ارمان ڪاڻ لڳو. ڇي گهوڙيءَ منهنجو پلو گهٽو ٿي ٿي چاهيو پر منهنجي قسمت پلي نه هئي. راڻي رتن سنگهه کي پوءِ گرفتار ڪري ترورٽ صاحب وٽ وٺي آيا. جنهن آخر عمرڪوٽ واري قلعي ۾ ڦاسيءَ تي چاڙهيس.

راڻي رتن سنگهه کي ڦاسي آئي، تنهن کان ڪجهه ڏينهن اڳ راڻي جي گهوڙي ضبط ڪري نيلام ڪيائون جا هڪ سوناري خريد ڪئي. سوناري انهيءَ گهوڙيءَ جي گهڻي ئي خدمت ڪئي ۽ جهجهو گاهه داڻو ڪاڻ لاءِ ڏنائينس. پر راڻي رتن سنگهه جي منهن ڏسڻ داران گهوڙيءَ سڀ ڪاڏو پيتو حرام ڪري ڇاڏو. چون ٿا ته هيءَ گهوڙي آخر سوناري جي گهران ڇنائي اٿي ڀڳي ۽ عمرڪوٽ واري قلعي تي وڃي چڙهي. هن وقت عمرڪوٽ جي قلعي جي پٽ تي ٻاهرين پاسي هڪ نشان آهي، سو چون ٿا ته گهوڙيءَ جي سنب جو آهي! قلعي ۾ اندر گهڙي، جڏهن گهوڙيءَ راڻي کي ڦاسيءَ تي لٽڪيل ڏٺو، تڏهن هوءَ زار زار رئڻ لڳي ۽ هنجي ڏک ۾ پاڻ به ساهه ڏنائين! هن وفادار گهوڙيءَ جي ڳالهه اڳي سنڌي ٽئين ڪتاب ۾ به لکيل هئي ۽ اها سچي ڳالهه آهي.

راڻي رتن سنگهه ڪانپوءِ ٻيو ڪو اهڙو سوڊو ڪونه هو جو گوڙ ڪري، تنهن ڪري عمرڪوٽ پاسي

جلد ئـي سانت ٿي ويئي. باقي ننگر پاڪر پاسي سوڍا زور هئا ۽ هنن انگريزن جي صاحبيءَ هوندي به پاڻکي اتي جو حاڪم پئي سمجهيو.

## سوڍن ۽ انگريزن جي لڙائي.

سنه ١٨٥٩ع ۾ منشي ڏيئومل حيدرآباد جي نؤ آباد گهٽيءَ وارو، ننگر پاڪر جو مختيار هو. منشي ڏيئومل ۽ ننگر پارڪر جي راڻن جي ڪنهن ڳالهه تان پاڻ ۾ ناسازي ٿي ۽ وڏو گوڙ مچي پيو. راڻن سان ڪولهي لوڪ مددگار هئا، تن اهڙو ڪم ڪيو جو ڪارداريءَ کي باهه ڏنائون، تار جا رستا ڀڳائون ۽ ٻيو به ڪيترو زيان ڪيائون. منشي ڏيئومل تروٽ صاحب کي هيءَ خبر موڪلي. پوءِ ته ڳالهه ايستائين وڌي ويئي جو مئي ١٨٥٩ع ۾ انگريزن جي فوج ڪرنل ايونس جي هٿ هيٺ ننگر پارڪر تي چڙهي آئي. ننگرپارڪر جي ڪارونجهر ٽڪريءَ تي چندن راڻي جو جوڙايل قلعو هو جنهن کي "چندن گڍهه" ڪري چوندا هئا. انگريزن جي فوج اهو قلعو ٽوڙين سان اڏائي ڇڏيو ۽ راڻن کي شڪست ڏيئي گوڙ فساد بند ڪرايئون. تروٽ صاحب جڏهن ڏٺو ته هاڻي سک سانت آهي تڏهن ڪرنل ايونس کي چيائين ته هاڻي پلي فوج موٽائي وٺي وڃ. اها فوج ننگر پارڪر جي شهر کان نوَ ميل ڪن پري ڏينسيءَ جي ڏونگر تائين ويئي ته پنيان راڻن ۽ ڪولهين وري

فساد مچايو ۽ خود تروٽ صاحب کي خون ڪرڻ لاءِ
هن جي پٺيان پيا. تروٽ صاحب ساهہ بچائڻ سانگي اٿي
ڀڳو ۽ هڪ مينگھواڙ جي گهر ۾ چوڙن (ڪلن) ۾ اندر
وڃي لڪو. راڻن ڀانيون تہ تروٽ جو ڏسڻ ۾ ڪونہ
ٿو اچي، سو شايد مارجي ويو آهي. تنهن ڪري هيڪاري
مچرجي پيا. چون ٿا تہ انهيءَ وقت هڪ پوليس جمعدار
لڪي ڇپي ڏينسيءَ تائين ويو ۽ فوج کي وڃي چيائين
تہ وري فساد ڪڙو ٿيو آهي. هن خبر ملڻ شرط ڪرنل
ايونس پنهن جي فوج موٽائي ننگر پارڪر ۾ وڻي آيو.
فوج کي پويان ايندو ڏسي، ننگر پارڪر جو راڻو ۽
سندس وزير شهر ڇڏي ڀڄي ويا. آخر ٻنهي کي هٿ
ڪري هنن تي راڄدروهيءَ جو مقدمو هلايائون. اهو
مقدمو سنہ ١٨٦٠ع ۾ هلي بس ٿيو. راڻي کي چوڏهن
سال ڪارو پاڻي ۽ سندس وزير کي ڏهہ سال ٽيپ ڏنائون.
جنهن مينگھوڙ تروٽ صاحب کي پناهہ ڏني هئي، تنهن
بابت چون ٿا تہ سرڪار هنکي چڱي پينشن ٻڌي
ڏني هئي.

## راڻن جو هاڻوڪو احوال.

تر ۾ هن وقت راڻن جو راڄ ڪونهي، مگر تڏهن
بہ سندن گادي نالي ماتر اڄ تائين هلندي اچي. راڻي
مهراج ڪانپوءِ عمرڪوٽ واري گاديءَ تي راڻو پيوت
سنگھ ۽ پوءِ راڻو پيرڏان سنگھ ويٺو ۽ هن وقت پيرڏان

مليا. اها سندس زبان جي ڳالھ آهي ۽ هن ڪتاب لاءِ ڪيترو مضمون بہ هن جي ڪوشش سان مليو هو. هاڙوڪو راڻو جسونست سنگھ گاديءَ تي ويٺو تہ پين ڏڪرن هنڪي پنج هزار ڪن روپين جون سوغاتون ڏنيون. هن مان ڏسڻ ۾ ايندو تہ گادي نشين راڻن جي اڄ تائين مڃتا آهي.

گادي نشين راڻن مان ڪو مرندو آهي تہ هنجي سنگھ ذرو پوري انجي مٿان قبو اڏيندا آهن. انهن قبن کي "پاڙيا" چوندا آهن. جن پاڙين جي اندر هڪ پٿر تي انهي راڻي جي شڪل اڪرائيندا آهن ۽ انهن پٿرن کي "لوڙهيون" چوندا آهن.

**پورو ٿيو**

## گلشن پبليڪيشن جا ڇپايل ڪتاب

| | |
|---|---|
| ۱- سنڌ جي ڪتبخانن جي مختصر تاريخ | ۲۴-۰۰ |
| ۲- سنڌي رسالن جي تاريخ | ۱۵-۰۰ |
| ۳- شوق جو اظهار عرف صدمي جي سو ڪڙي | ۲-۰۰ |
| ۴- وڏا اديب وڏيون ڳالهيون | ۱۵-۰۰ |
| ۵- لائبرري سائنس جي تعليم ڀاڱو پهريون | ۳۰-۰۰ |
| ۶- آڪاڻي رات وهاڻي | ۵-۰۰ |
| ۷- ڪتبخانن جو انتظام [ڇاپو ٻيو] | ۸-۰۰ |
| ۸- سنڌ جا هنر | ۱۰-۰۰ |
| ۹- آدرش رنگ | (ختم ٿيل) |
| ۱۰- سنڌ جا مير ۽ مياڻي جي جنگ | ۶-۰۰ |
| ۱۱- سنڌ جو بمبئي کان جدا ٿيڻ | ۵-۰۰ |
| ۱۲- ادب ۽ ماحول | ۲۰-۰۰ |
| ۱۳- سوچن جي صليب تي | ۱۰-۰۰ |
| ۱۴- ميراڻي سنڌڙي | ۲۵-۰۰ |
| ۱۵- صوبهٔ سنڌ خلافت ڪانفرنس | ۶-۰۰ |
| ۱۶- لائبرري سائنس جي تعليم ڀاڱو ٻيو | ۳۵-۰۰ |
| ۱۷- تقرير جو فن | ۱۰-۰۰ |
| ۱۸- لطيف ڪوئز | ۶-۰۰ |
| ۱۹- درجي بندي | ۱۸-۰۰ |
| ۲۰- ڊاڪٽر محمد علي قاضي ۽ لائبريرين شپ | ۲۵-۰۰ |
| ۲۱- مارئي ۽ مان | ۱۵-۰۰ |
| ۲۲- وطن پرست زويا | [illegible]-۰۰ |

ڪتابن گهرائڻ لاءِ لکو

**گلشن پبليڪيشن**

گهر نمبر H.C.B. 1816 لڳ مسجد باب الاسلام

ممتاز ڪالوني، قاضي عبدالقيوم روڊ، حيدرآباد سنڌ